Reg No 2677
ABC Certified
ايڈيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي
جلد :11 | سومر 14 آگسٽ 2023ع بمطابق 26 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 295 | قيمت 10 روپيا

ڪراچي جو ڊي ايس پي قورن هٿان قرجي ويو

موٽر سائيڪل بن جوابدارن موبائيل، بٽون ڦرڪيو ۽ فرار ٿي ويا : ڊي ايس پي امجد ڪلهار

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ راشد منهاس روڊ تي جوابدارن ڊي ايس پي ۽ سندس گهرپاتين کي ڦر ڪري ورتو. ڊي ايس پي امجد ڪلهار موجب گاڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستان جو قيام الله جو انعام آهي: محمد حسين محنتي

پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جيڪو مديني جي اسلامي رياست کان بعد ۾ اسلامي رياست آهي



جماعت اسلامي سنڌ جو امير محمد حسين محنتي

ڪراچي (رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير اگرٽي آير اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته پاڪستان جو قيام الله جو انعام آهي جيڪو اسلام ۽ نظريه پاڪستان جي نالي تي قائم ٿيو. پاڪستان دنيا جو واحد ملڪ آهي جيڪو مديني جي اسلامي رياست کان بعد ۾ اسلامي رياست آهي جيڪو وڏي جدوجهد کان پوء اسلام جي نالي تي قائم ٿيو. تحريڪ پاڪستان دوران مائٿو اسلام جي نالي تي سڙ لاء تيار هٿا. وطن عزيز جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪوشش آهي سنڌ جي نگران وڏي وزير لاءِ اڪ جيان گڏيل اميدوار سامهون آڻيون: مراد علي شاهه

گڏيل ڊينهن ٽينڈڙ ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن پارٽي قيادت سان مشاورت کان پوء نگران وڏي وزير جي لاءِ نالا پيش ڪرڻ تي اتفاق ڪيو هو

ميديا جي مرضي آهي جهڙا به نالا هلائي پر في الحال ڪوبه نالو فائنل نه ٿي سگهيو آهي

گڏيل نالا ڊيڊ جي لاءِ ايم ڪيو ايم اڳواڻ جاويد حنيف به جي ڊي اي جي سردار رحيم سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ڪوشش آهي ته 2013ع 2018 جيان سنڌ جي نگران وڏي وزير جي لاءِ گڏيل اميدوار سامهون آڻيون. سنڌ ۾ نگران حڪومت جي قيام لاءِ سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

باجوڙ ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 4 دهشتگرد مارجي ويا، سپاهي شهيد

سيڪيورٽي فورسز باجوڙ جي علاقي چارمنگ ۾ 12ع 13 آگسٽ جي رات دهشتگردن جي ڪجهي موجودگي واري اطلاع تي آپريشن ڪيو

فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته هڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي : آءِ ايس پي آر

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي وارين ڪارروائين ۾ ملوث هٿا

راولپنڈي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز پاران باجوڙ ۾ آپريشن دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن جڏهن ته هڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سيڪيورٽي فورسز باجوڙ جي علاقي چارمنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪرمپور ۾ ڏاڙيلن جي مزدا گاڏيءَ تي فائرنگ، 3 ڄڻا قتل، ڊرٽو

گاڏي نه ٻيهارڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، مزدا ڊرائيور سميت 3 ڄڻا قتل ٿي ويا، هٿياربندن فرار ٿي ويا

قتل ٿيلن ۾ علي خان بگٽي بهادر خان، عبدالواحد بگٽي شامل، اطلاع تي پوليس پهچي مارجي ويلن جا لاش شڪارپور اسپتال منتقل ڪيا

اندس هاءِ وي تي 3 ڄڻن جي قتل ۽ ٻن جي اغوا خلاف ڊرٽو هنيو ويو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي

ڪشمور (رپورٽر) ڪرمپور ۾ ڏاڙيلن جي مزدا گاڏيءَ تي فائرنگ ۾ 3 ڄڻا قتل ٿي ويا. ڊرٽو هنيوويو. اندس هاءِ وي تي بنگلاڻي لاڙي وٽ ڏاڙيلن مزدا گاڏي روڪڻ جي ڪوشش ڪئيگاڏي نه ٻيهارڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪنڊڪوٽ ۾ پيٽرول پمپ تي ڏاڙيلن جي ڪاهه، منشي اغوا، وارٽن جو اندس هاءِ وي تي ڊرٽو

بي سيڪشن پوليس ٽاٽي جي حد بگن خان قمبراڻي پمپ تي ڏاڙيلن جي ٽولي ڪاهه ڪئي

ڏاڙيل پمپ منشي عبدالوحيد ملڪ کي اغوا ڪري ويا، هيلپر عابد قمبراڻي کي زخمي ڪيو ويو

واقعي بعد علاقي ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته پوليس اطلاع بعد ڏوهارين جي پويان روانو ٿي وئي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ۾ پيٽرول پمپ تي ڏاڙيلن جي ڪاهه، منشي کي اغوا ڪري ويا، هيلپر کي ڏڪ هٽي زخمي ڪيو ويو. سيڪشن پوليس ٽاڻي جي حد بگن خان قمبراڻي پمپ تي ڏاڙيلن جي ٽولي ڪاهه ڪري پمپ منشي عبدالوحيد ملڪ کي اغوا ڪري ويا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23



حيدر آباد: پريس ڪلب باهران ميمن جندرائن ڪميٽي جا متاثر مظلومن جي مجنا لاءِ احتجاج ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف لاءِ الوداعي گارڊ آف آنر جي تقريب ملتوي

وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اڄ گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويندو

وزيراعظم شهباز شريف طرفان سياڻي قوم سان الوداعي خطاب جو به امڪان آهي : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي لاءِ اڄ الوداعي گارڊ آنر جي تقريب ملتوي ڪئي وئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف کي هاڻ اڄ گارڊ آف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ ۾ مٿان ڪان نالو ناهي ايندو : ناصر شاهه

اڇوڪي ملاقات ۾ ڪيترن ئي معزز ۽ قابل اعتماد نالن تي غور ڪيو ويو

اميد آهي ته سنڌ جي نگران وڏي وزير جو فيصلو اڄ يوم آزادي تي ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ناصر شاهه جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ مٿان ڪان نالو ناهي ايندو. سنڌ جي وڏي وزير ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڊائوڪينسر سينٽر هڪ سال جي گهٽ عرصي ۾ ئي ملڪ ۾ ٻاهرين ملڪ مريضن جي سهولت جو مرڪز بڻجي ويو

سڄي سال ۾ ڪراچي مان 78.33 ملڪ اندر 19.65 ۽ ٻاهرين ملڪ مان 0.27 مريض فائدو ورتو ويا، سڄو سال او پي ڊي ۾ لڳ ڀڳ 2 هزار مريض فيضياب ٿيا

هي ڳالهيون ڊائو يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر محمد سعيد قريشي ارجها ڪنميس ۾ ڊائوڪينسر سينٽر جو هڪ سال پروگرام جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون

تقريب کي ميڊيڪل سپرنٽنڈنٽ ڊائون يونيورسٽي اسپتال ڊاڪٽر جهان آرا حسن، ڊاڪٽر ڪاشف شفيق ڊاڪٽر نويد علي خان، ڊاڪٽر نسرين ناز، ڊاڪٽر مرير به خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڊائوڪينسر سينٽر هڪ سال جي گهٽ عرصي ۾ ئي ملڪ ۾ ٻاهرين ملڪ مريضن جي سهولت جو مرڪز بڻجي ويو سال ۾ ڪراچي مان 78.33 ملڪ اندر 19.65 ۽ ٻاهرين ملڪ مان 0.27 مريض فائدو ورتو ويا جڏهن ته سجو سال او پي ڊي ۾ لڳ ڀڳ 2 هزار مريض فيضياب ٿيا هي ڳالهيون ڊائو يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر محمد سعيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سمورين پارٽين جو نگران وزيراعظم تي پروسو اسان طرفان صحيح چونڊ جي نشاني آهي: شهباز شريف

بلوچستان مان نگران وزيراعظم جي چونڊ خوشي جوڳو قدم آهي، آئيني طريقيڪار تي هلندي هڪ سٹي نالي تي اتفاق ٿيو

سمورين پارٽين جي طرفان انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي پروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي

انوارالحق ڪاڪڙ ملڪ ۾ شفاف، آزادانه ۽ اڻڊريون چونڊون يقيني بنائيندو ،16 مهينن دوران اسان ملڪ کي جنهن معاشي استحڪام سان نوازيو اميد آهي ته اڳتي به ان جو سلسلو جاري رهندو

ترقي، تعمير ۽ معاشي بهتري جو تسلسل يقيني بنائڻ پاڪستان ۽ عوام جي بهتري لاءِ ضروري آهي

صدر عارف علوي به منظوري ڏئي ڇڏي، انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ تي نگران وزيراعظم واري عهدي جو حلف ڪٹندو

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جيو آهي ته سمورين پارٽين طرفان انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي پروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي. وزيراعظم شهباز شريف انوارالحق ڪاڪڙ جي نگران وزيراعظم بنجڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته بلوچستان مان هڪ سٹي نالي تي اتفاق ٿيو. راجا رياض جو ٹوئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

انوارالحق ڪاڪڙ جو نالو(ن) ليگ نه ٿي وري پيپلز پارٽي طرفان ڏنو ويو آهي: شاهه محمود قريشي

انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري مان ثابت ٿئي ٿو ته مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي جي خواهش پوري نه ٿي

جيڪڏهن اهو معاملو اليڪشن ڪميشن وٽ وڃي ها تڏهن به ساڳيو نالو سامهون اچي ها

چا اوهان سمجهو ٿا ته ملڪ جا اهم فيصلا راجا رياض ڪندو؟

ملتان (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي نگران وزيراعظم جي نالي تي پروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي. وزيراعظم شهباز شريف انوارالحق ڪاڪڙ جي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري مان ثابت ٿئي ٿو ته مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي جي خواهش پوري نه ٿي. جيڪڏهن اهو معاملو اليڪشن ڪميشن وٽ وڃي ها تڏهن به ساڳيو نالو سامهون اچي ها چا اوهان سمجهو ٿا ته ملڪ جا اهم فيصلا راجا رياض ڪندو؟

نگران وزيراعظم جو اعلان ٿيندي ئي استحڪام پارٽي سرگرم

آءِ پي پي لاهور، بهاولپور، گوجرانوالا، سرگوڌا ۽ ساهيوال لاءِ ڊويزنل آفيسر مقرر ڪيا

مراد راس کي لاهور ڊويزن جو صدر ۽ ميان خالد محمود کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نگران وزيراعظم جو اعلان ٿيندي ئي پاڪستان پارٽي سرگرم ٿي رئي. آءِ پي پي لاهور، بهاولپور، گوجرانوالا، سرگوڌا ۽ ساهيوال لاءِ ڊويزنل آفيسر مقرر ڪيا آهن. مراد راس کي لاهور ڊويزن جو صدر ۽ ميان خالد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17



لاهور: تحريڪ استحڪام پاڪستان جو سربراهه جهانگير ترين تقريب دوران ڳالهائي رهيو آهي

پ پ پارٽي اڳواڻن کي نگران وزيراعظم جي نامزدگي جي حوالي سان بيان بازي کان روڪي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي جي قيادت پارٽي اڳواڻن کي نگران وزيراعظم جي نامزدگي جي حوالي سان بيان بازي کان روڪي ڇڏيو. ڇا خورشيد شاهه پنهنجي بيان جي حوالي سان پارٽي قيادت کي وضاحت پيش ڪري ڇڏي آهي پيپلزپارٽي جي قيادت نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي نامزدگي تي پارٽي جي سينيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

تحريڪ انصاف جي اڳواڻ منزا حسن پارٽي کان ڌار ٿي وئي

9 مئي جي واقعن، فوجي ۽ سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ جي سخت مذمت ڪريان ٿي، منزا حسن

جيڪو ٿيو غلط ٿيو جيڪو نه ٿيڻ گهرجي ها، اسان کي سمورن ادارن جو احترام ڪرڻ گهرجي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ منزا حسن پارٽي کان ڌار ٿي وئي آهي. هڪ بيان ۾ منزا حسن چيو آهي ته هو 9 مئي جي واقعن ۽ فوجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سڪر ۾ اڇاتل هٿياربندن جو سينيئر صحافي ۽ مٿان قاتلاڻو حملو، فوت

ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي بيورو چيف سينيئر صحافي جان محمد مهر تي نامعلوم هٿياربندن قاتلاڻو حملو ڪيو

جان محمد مهر آفيس مان گهر وڃي رهيو هو ته مڪي مسجد لڳ مٽس موٽر سائيڪل سوار ٻن ڄڻن حملو ڪيو ويو

هراسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو. ڪنڊ. جان محمد مهر جي هٿ ۽ اک لڳ گرليون لڳل هيون: ڊاڪٽر

سڪر (بيورو رپورٽ) ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جي بيورو چيف سينيئر صحافي جان محمد مهر تي نامعلوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32



سڪر: سينيئر صحافي جان محمد مهر جي حياتيءَ جي تصوير

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ تي عهدي جو حلف

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ يوم آزادي جي ڏاڙي تي حلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

يوم آزادي تي ون ويلرز ۽ هنگامو ڪندڙن خلاف ڪريک ڊائون جو فيصلو

اسلام آباد پوليس ون ويلرز ۽ هنگامو ڪندڙن خلاف ڪريک ڊائون جو فيصلو ڪيو

ٽريفڪ پوليس، ضلعي پوليس ۽ ڊولفن فورس جون 5 ٽيمون جوڙيون ويون

اڄ ۽ هارن وڄائيندڙن خلاف قلر 144 ڪيو ويو آهي، ون ويلنگ ۽ هنگامي تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي : پوليس ترجمان

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي راڄڌاني ۾ يوم آزادي جي رات لاءِ سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي. پوليس ترجمان موجب اسلام آباد پوليس ون ويلرز ۽ هنگامو ڪندڙن خلاف ڪريک ڊائون جو فيصلو ڪيو آهي. پوليس ترجمان موجب اسلام آباد پوليس ٽريفڪ پوليس، ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پوليس لال حويلي ۽ منهنجي پائرن جي گهرن تي چاپا هنيا : شيخ رشيد

پوليس گهرمان قيمتي سامان، ڊرائيور ۽ ملازم کڻي ويا، پوليس لال حويلي مان ڪيمرا، ليپ ٽاپ ۽ موبائيل فون به کڻي ويا

مون تي 3 آپگهاتي حملا ٿي چڪا آهن، هاڻي جيڪڏهن کو دهشتگردي جو واقعو ٿيو ته ذميوار موجوده حڪمران هوندا

لال حويلي ۾ 50 سالن کان آزادي واري ڏاڙي تي تقريبون منعقد ٿي رهيون آهن

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته گذريل رات پوليس لال حويلي ۽ منهنجي پائرن جي گهرن تي چاپا هنيا. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08



لاهور: اڳوڻو گهرو وزير ۽ عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد (فائيل فوٽو)

بشريٰ بي بي جي ڊائري مان ثابت ٿيو ته پي ٽي آءِ جي حڪومت جادو جي اثر هيٺ هئي: حافظ حمدالله

نگران وزيراعظم اهوئي سنو آهي جيڪو هڪ بيگ ۾ اچي ۽ ساڳيو ئي بيگ واپس کڻي وڃي

جيڪو ڪجهه بشريٰ بي بي جي ڊائري ۾ لکيل آهي، اهڙ واقعا به پيش آيا آهن

پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت ان وقت جي خاتون اول هلائيندي هئي

ڊيره اسماعيل خان (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ ۽ پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري تي (پي ڊي ايم) جي ترجمان حافظ حمدالله نگران پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪيو آهي. ڊيره اسماعيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09



پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمدالله

ملڪ جو اڻون نامزد نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ منسٽر اڪليو کان پنجاب هائوس منتقل

وزيراعظم هائوس خالي هٽائي تائين پنجاب هائوس ۾ ئي رهندو

انوارالحق ڪاڪڙ حلف کڻڻ بعد وزيراعظم هائوس منتقل ٿيندو

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ جو اڻون نامزد نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ منسٽر اڪليو کان پنجاب هائوس منتقل. نگران وزيراعظم کي سڪيورٽي سبب پنجاب هائوس منتقل ڪيو ويو. وزيراعظم هائوس خالي هٽائي تائين پنجاب هائوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪاڪڙ جو سينيٽ جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏيڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مانجهند: پوليس جو ڪارنامو، شڪي جويدار نه ملڻ تي سندس ڳوٺ واري ونې ڪٽي وئي

مانجهند (رپورٽر) مانجهند مان 10 ڏينهن اڳ نواب شاهه پوليس طرفان سبينا شڪي جوابدار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31



ڪشمور: مارجي ويلن جا وارث روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

SECMC
Sindh Engro Coal Mining Company
thar foundation

پاڪستان
جي توانائي جي ضامن رٿا

پاڪستان جي خوشحالي کي يقيني بنائڻ ۽ ان جي معاشي استحڪام کي ويتر مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني (SECMC) سستي ۽ پروسي جوڳي توانائي پيدا ڪرڻ لاءِ ٿر جي مقامي ڪوئلي جي صورت ۾ هڪ ڪارائتو وسيلو فراهم ڪري رهي آهي.

توانائي جي هن مقامي وسيلي جي استعمال سان نه رڳو گهريلو واهپيدارن سميت صنعتن کي گهربل توانائي جي ضرورت پوري ٿي رهي آهي پر پرڏيهي ناٽو بچائڻ ۾ پڻ مدد ملي رهي آهي.

ان طرح ٿرپارڪر ۾ قائم اها اهم رٿا ملڪ جي مالي پاٽيرائپ ۽ آزادي کي پڻ يقيني بٽائي رهي آهي.

ٿر بدلائي پيو پاڪستان!



سائين فيض محمد ٽالپر عوامي تحريڪ جو سچو سپاهي هو: ايازڪوسو

پارٽي ۾ ڪيترائي نظرياتي ڪارڪن تيار ڪيا فڪر پليجو تي ليڪچر پروگرام ڪيا

سنڌ ۾ وقت ظلم ڏاڍ ۽ جبر خلاف جيڪا مزاحمت نظر اچي ٿي ان ۾ فيض محمد ٽالپر جو هٿ آهي

زمينن ڦوٽن قبرستانن تي قبضا ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي وطن ۾ بي گهر ڪري رهيا آهن

جهڏر (رپورٽ ممتاز جوٽيجو) عوامي تحريڪ جي ڪاهوڙي اڳواڻ سندي هاري تحريڪ جي سابق مرڪزي صدر سائين فيض محمد ٽالپر جي پي درسي جي موقعي تي عوامي تحريڪ



تعلقي جهڏي پاران موٽر سائيڪل ريلي ڪڍي

تندو جان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جيڪب آباد شهري اتحاد پاران محمد اڪرم ابڙو کي پيٽا ڊيٽ لاءِ تعزيتي ريفرنس

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد شهري اتحاد پاران شهيد محمد اڪرم ابڙو کي پيٽا ڊيٽ لاءِ تعزيتي ريفرنس ٽي گذريو جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي، اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ اڳواڻن شرڪت ڪئي. شهيد محمد اڪرم ابڙو هڪ سگهاري جدوجهد جو نالو هو جنهن جي ڪيل جدوجهد کي وساري نٿو سگهجي //بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پاڪستان يونيلٽي ڪارپوريشن پاران مولا بخش مغل سکر ۾ ريجنل مينيجر مقرر

استاف جي لاءِ ڪنهن به مسئلي جي لاءِ هر وقت منهنجا دروازا ڪليل آهن: مولا بخش مغل

عبدالقيوم ابڙو ماجد علي ڪوسو، شڪيل احمد نوناري ،رحيم بخش جتوئي ۽ منور شيخ مبارڪون ڏنيون

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) مولا بخش مغل کي يونيلٽي ڪارپوريشن پاڪستان سکر ۾ ريجنل مينيجر مقرر. استاف پاران پرپور طرح سان آڇيان ڪئن جا هار پارايا. استاف جي لاءِ ڪنهن به مسئلي جي لاءِ هر وقت منهنجا دروازا ڪليل آهن مولا بخش مغل ريجنل مينيجر خبر

موجب سکر ۾ يونيلٽي اسٽور ڪارپوريشن پاران مولا بخش مغل کي ريجنل مينيجر طور مقرر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

وارهه شهر جي نيڪال جو سمورو گندو پاڻي وارهه شهر مان گذرندڙ شاخ جي صفائي نه ٿي

سوشل ورڪر جيڪال ڪلهوڙو بشير لطيفي ۽ ٻين طرفان تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج

ڪاٻي نہ ٽيڻ ۽ شاخ ۾ گندو پاڻي چوڙ ڪرڻ سبب نہ صرف علاقي جي زراعت متاثر ٿي آهي :مظاهرين

پنا شاخ جي ڪاٻي ڏياري شاخ ۾ چوڙ ٽيندڙ گندي پاڻي جو نيڪال بند ڪرائي شاخ ۾ زرعي پاڻي ڏنو وڃي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه شهر جي نيڪال جو سمورو گندو پاڻي وارهه شهر مان گذرندڙ پنا شاخ ۾ چوڙ ڪرڻ ۽ ڪيتري ئي عرصي کان شاخ جي صفائي ستڪرائي ۽ ڪاٻي نہ ٽيڻ ۽ شاخ ۾ گندو پاڻي چوڙ ڪرڻ سبب پنا شاخ جي اڳيان بي ڏينهن ۽ احتجاج ڪيو ويو. پنا شاخ جي ڪاٻي نہ ٽيڻ ۽ شاخ ۾ گندو پاڻي چوڙ ڪرڻ سبب نہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ايس ايڇ او گهارو پاران نيشنل هاءِ وي روڊ ٽرڪ تي چاپو، 400 ڪلو تمباکو پتي هٿ

ٽنڊو (رپورٽر) ايس ايڇ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي ۽ سب انسپيڪٽر محمد هاشم سومرو پوليس عملي سان گڏ گشت دوران آري ڪٽ نيشنل هاءِ وي روڊ تي، هڪ ٽرڪ تي ڪامياب چاپو هٽي ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ٽرڪ مان 400 ڪلو تمباکو پتي ۽ 500 پيڪٽ گٽڪا ماوا هٽ ڪري ساڄڻي پوليس ٻٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09



وارهه: پنا شاخ ۾ گندو پاڻي چوڙ ڪرڻ خلاف سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ديرو ۾ زخمي ٽيل پوليس اهلڪار جي حالت ۾ سڌارو نہ آيو، وينٽيليٽر تي منتقل

ڪيس چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي منتقل ڪيو

اهلڪار ڪي لڳل گولي سيني کي نقصان ڏيڻ بعد جسم جي پيٽ واري حصي ۾ قاسي پئي آهي

پوليس ڪارواين تيز ڪندي 4 کان وڌيڪ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو ۾ گذري ڏينهن رائيس ڪٽنال وٽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٽيل نئون ديرو تائي جو پوليس اهلڪار وسيم جروار جي حالت ۾ سڌارو نہ آيو ڊاڪٽرن ڪيس چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي منتقل ڪيو

گولي سيني کي نقصان ڏيڻ بعد جسم جي پيٽ واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهرو فيروز جي سينئر صحافي محمد قاسم اسراڻ کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب

پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ صحافي اتحاد پاران پريس ڪلب نوشهرو فيروز ۾ تقريب ملهائي وئي

محمد قاسم اسراڻ هڪ ئي وقت صحافي، ليکڪ، اديب، سماج سڌارڪ ۽ سياسي اڳواڻ پڻ هيو: اڳواڻ

قاسم اسراڻ سادو سودو انسان ضرور هو پر نظرياتي حوالي سان متحرڪ سماج واڳ ۽ زيرڪ انسان هيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز جي سينئر صحافي محمد قاسم اسراڻ کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ صحافي اتحاد پاران پريس ڪلب نوشهرو فيروز ۾ تقريب ملهائي وئي، ان تقريب کي سنڌ صحافي اتحاد ضلع صدر محمد يونس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڈو غلام حيدر ۾ يوريا پاڻ بليڪ تي وڪرو ٽيڻ لڳو، آبادگار پريشاني جي ور چڙهيل

مختلف شهرن ۾ يوريا پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ، يوريا پاڻ جي في بوري تي هزارين روپيا واڌ

پاڻ جي في بوري جي قيمت 2440 جي لڳ ڀڳ مان وڌي 4000 روپين کان به مٿي ٽي ويئي آهي

مقامي واپاري بليڪ مارڪيٽنگ کندي في بوري تي هزارين روپيا وڌيڪ اوڳاڙي رهيا آهن: آبادگار

ٽنڈو غلام حيدر(رپورٽر) ٽنڈو غلام حيدر ۾ يوريا پاڻ بليڪ تي وڪرو ٽيئن لڳو، آبادگار پريشان سموري تعلقي جي مختلف شهرن ۾ يوريا پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ، يوريا پاڻ جي في بوري تي هزارين روپيا واڌ آيو

اهنج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪنڊرالگ موٽرسائيڪل ڦرڪندي ڦوررو سوگها، ڪنڪي بعد پوليس حوالي

3 ٽي ڦورون فقير امان الله ڪانڊڙو کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري رهيا ته ڦوٽاٽا پهتا

ڦوٽاٽن ڦورن کي ڏوڙائي ڪڙي پهريان ڪاروائي ڪندي ڏنڀن جو ڪنڪو ڏنو

سکر(بيورو رپورٽ) ڪنڊرالگ موٽرسائيڪل ڦر ڪندي ڦوررو سوگها ڦوٽاٽن پاران ڏنڀن جي ڦيرڀ ڏيڻ بعد پوليس حوالي تفصيل موجب، ڪنڊرالگ ٽائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر: موٽرسائيڪل ڦردوران ڦوٽاٽا جوابدارن کي ڪنڪو ڏئي رهيا آهن

ڪنب پرسان ڪٽر واري مشين جي موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب ناري فوت

موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 16 ورهين جي نينگري عذرا عرف نشل خاتون در ڏنو

ڊاڪٽرن نينگري جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڪنب (رپورٽر) ڪنب پرسان ڪٽر واري مشين جي موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 16 ورهين جي نينگري فوت رپورٽ موجب ڪنب پرسان ڇوٽ قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪلوئي ذات جي ٻن ڊرين ۾ سرڪاري پڏي واري زمين تي هلندڙ آهي: زرينا بلوچ

ڪلوئي واري ڊرجو رسول بخش ڪلوئي واري ڊرتي ٽنڈو ياگو ٽاڻي تي ڪيس داخل ٿيل آهي

جوابدارن پريس ڪلب تي اڄي منهنجي خلاف الزام تراشي ڪري منهنجي ڪردار ڪشي ڪئي

معاملي جي انڪوائري ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي، ائٽون هڪ عزتدار ڪائونسلر آهيان: ڳالهيون

ٽنڈو ياگو(رپورٽ:ـ سهيل سمون) ٽائون ڪميٽي ٽنڈو ياگو جي عورت ڪائونسلر زرينا بلوچ ٽنڈو ياگو پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڈو ياگو: عورت ڪائونسلر زرينا بلوچ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

نوشهرو فيروز ۾ ملڪ لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ جوان نوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي

ڳوٺ عمر پنهور سان تعلق رکندڙ پاڪ فوج جي جوان محمد اڪرم پنهور جي تدفين ڪئي وئي

شهيد محمد اڪرم پنهور ڀيرا اسماعيل خان ۾ دشمن جي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو، تعزيت هلندڙ

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهرو فيروز ۾ ملڪ لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ ڀيرا اسماعيل خان ۾ دشمن جي حملي ۾ شهيد ٿيندڙ جوان نوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي تفصيل موجب نوشهرو فيروز جي ڳوٺ عمر پنهور سان تعلق رکندڙ پاڪ فوج جي جوان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئين ۾ جشن آزادي جون تياريون زور شور سان جاري، قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

جشن آزادي جون تياريون ضلعي ۾ ميڊيڪل ڪيمپس پهرين آگسٽ کان نئين ۾ جاري

سماجي تنظيم پاران جشن آزادي جي موقعي تي ڳوٺ محمد حسن ملاح ۾ ڪيمپ لڳائي وئي

نئين (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) نئين ۾ جشن آزادي جون تياريون زور شور سان جاري آهن پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ پاران آزادي جي ڏاڙي جي حوالي سان سموري ضلعي ۾ ميڊيڪل ڪيمپس پهرين آگسٽ کان نئين ۾ جاري آهي. جڏهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03



نئين: جشن آزادي جي حوالي سان لڳايل مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو ڏيک

سگا دادو ۽ روٽري ڪلب پاران پلاسٽڪ سرجري ڪئمپ 25 آگسٽ تي لڳائي ويندي

سان چپ ۽ تارون ڪٽيل ٻارن جي آپريشن ۽ علاج سميت مفت پلاسٽڪ سرجري ڪئي ويندي

پلاسٽڪ سرجري ڪندڙ پروفيسر محمد اشرف ۽ سنڌس ٽيم مريضن جو آپريشن ڪندا

دادو(ن سنڌيان)سگا شاخ دادو ۽ روٽري ڪلب دادو گرين پاران مسڪراهٽ فائونڊيشن ڪراچي جي سهڪار سان چپ ۽ تارون ڪٽيل ٻارن جي آپريشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئين ديرو لڳ ڳوٺ خانواهه جروارۡ روڊ جي تعميراتي ڪم دوران ٽينگر زخمي

تعميراتي ڪم دوران روڊ جي ڪاربيٽ لاءِ گرم ٽيندڙ ڊانپر ٽينگر مٽان ڪري پيو

محمد علي جروار پٽ صاحب ڈنو جروار کي علاج لاءِ ڳڙهي خدابخش پٽو اسپتال آندو ويو

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو لڳ ڳوٺ خانواهه جروارۡ روڊ جي تعميراتي ڪم دوران روڊ جي ڪاربيٽ لاءِ گرم ٽيندڙ ڊانپر ٽينگر مٽان ڪري هو سڙي سخت زخمي ٿي پير آهي. ڳوٺ خانواهه جروار واسي 15 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وارهه جي يوسي غيبي ديرو ڳوٺ محمد وارث بجيراڻي جي رهواسڻ پاران احتجاج

بيواه سرتاج خاتون طرفان معصوم پارڙن سان گڏ محمد پناه بجيراڻي چانڊيو خلاف مظاهرو ڪيو

مڙس جي فوت ٿيڻ ڪانپو، پاڙيٽر معشوق بجيراڻي اسان جي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي: سرتاج خاتون

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه يوسي غيبي ديرو ڳوٺ محمد وارث بجيراڻي جي رهواسڻ سرتاج خاتون طرفان پنهنجي معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



وارهه: ڳوٺ محمد وارث بجيراڻي واسڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

نئين ۾ جشن آزادي جون تياريون زور شور سان جاري، قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو

جشن آزادي جون تياريون ضلعي ۾ ميڊيڪل ڪيمپس پهرين آگسٽ کان نئين ۾ جاري

سماجي تنظيم پاران جشن آزادي جي موقعي تي ڳوٺ محمد حسن ملاح ۾ ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيڪ ڪاٽي معذور ماڻهن کي ويل چيئر ڏيڻ سان گڏ اسڪولي پارڙن ۾ مٿايون تقسيم ڪيون ويندڙ

نئون(رپورٽر) هلال احمر پاڪستان ضلعي نئين طرفان جشن آزادي جي موقعي تي درگاه ستيون لڳ ڳوٺ ماستر محمد حسن ملاح ۾ هڪ روز مٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڊيارو جي شهباز ڪالوني جو ٽرانسفارمر ڏيڍ مهيني کان وڻي سڙيل، رهواسين جو احتجاج

لائيٽ نہ هجڻ جي ڪري سخت گرمي ۾ بيمار تورڙي گهريلو صارفين سخت پريشاني جو شڪار

رهواسين اسد چنو انيس سهتو واحد ڪلهوڙو نظير آڇو غلام نبي ڪلوجي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

سپيڪر ڪنڊيارو جو عملو ٽرانسفارمر تبديل ڪرڻ لاءِ رشوت طلب ڪري رهيو آهي: مظاهرين جو الزام

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر جي شهباز ڪالوني جو ٽرانسفارمر گذريل ڏيڍ مهيني کان وڻي سڙيل آهي رهواسي ٻٽي آزار ۾ اڇي ويا لائيٽ نہ هجڻ جي ڪري سخت گرمي ۾ بيمار تورڙي گهريلو صارفين سخت پريشاني جو شڪار رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ماحولياتي آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ وڌڪان وڌ ٻوٽا پوکيا وڃن: سياسي ۽ سماجي اڳواڻ

سائنسي زندگي کان نڪري انسان کي قدرتي زندگي ۾ داخل ٿيڻ پوندو، سول سوسائٽي اڳتي اچي

قدرتي شيون ۽ ماحول کي سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي وٽن جي پوکائي تي وڌيڪ زور ڏيڻ گهرجي

ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ عورتن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: آغا وحيد خان ۽ ٻين جو خطاب

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن ڇيو ته ماحولياتي آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ٻوٽا پوکيا وڃن، وڻ ماحولياتي آلودگي کي ختم ڪرڻ ۾ بهتر ڪردار ادا ڪن ٿا، ان لاءِ شهرن ترڙي ڳوٺاڻي سطح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22



سکر: ماحولياتي آلودگي جي حوالي سان ڪوٺايل گڏجاڻي جو ڏيک

مانجهند مان اغوا ٿيل 8 مهينن جي ڪوهاري ۽ 4 معصوم پارڙن جي ماءُ بازياب نہ ٿي سگهي

وارثن ۽ سياسي سماجي ڏرين پاران سخت احتجاج ڪري علامتي بک هڙتالي ڪيمپ قائم ڪئي وئي

حاجاٽا برادري جو معصوم پارڙن سميت سياسي سماجي ڏرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي وئي

تقدس پائمال ڪندي غير موجودگي ۾ ڪوهاري گهروارين حسنا حاجاٽو کي ڪنهي گر ڪري ڇڏيو آهي: والد

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند مان 10 ڏينهن اڳ نواب شاه پوليس ظرفان ميڊيا شڪي جوابدار جي عيوضي ۾ ڪنيبل 8 مهينن جي ڪوهاري ۽ 4 معصوم پارڙن جي ماءُ بازياب نہ ٿي سگهي وارثن سياسي سماجي ڏرين جو سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پاڪستان زنده آباد ، پاڪ فوج زنده آباد : دادو ۾ آل ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران ريلي

دادو (رپورٽر) دادو پاڪستان زنده آباد ، پاڪ فوج زنده آباد ، رينجرس زنده آباد ۽ سنڌ پوليس زنده آباد ، جيو جيو پاڪستان جوعوام جي ٽمرن جي گونج سان آيڪا آل ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلعي دادو ۽ يوٽ ريلفيئرسوسائيٽي دادو پاران 14 آگسٽ جشن آزادي پاڪستان جي ڏينهن تي جشن آزادي پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



مانجهند: اغوا ٿي ريل عورت جي بازيابي لاءِ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

سيتارو ۽ رحماني ننگر ريلوي اسٽيشن تي بولان ميل سميت رهيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

بولان ميل سميت رهيل ٽرينن جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ڪوٽڙي ڪراچي ٽريڪ تي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي: اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتارو ۽ رحماني ننگر ريلوي اسٽيشن تيموڻن جو ڏاڙو ايڪسپريس بحال ٿيڻ بعد بولان ميل سميت رهيل ٽرينن جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 202 هين ڏينهن به احتجاج پروفيسر غلام مصطفي سمون 'سرتاج علي سومرو 'شهزاد ميمڻ' غلام حسين ملڪ ' غلام سرور لاکو شريڪ ٿيا فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ڇيو ته ML2روهڙي لاڙڪاڻو

وارهه ۾ زمينن تي قبضن، ڪارونجهر جي ڪٽائي، ڪوهستان جي ڳوٺن تي قبضن خلاف احتجاج

ڪوهستان جي ڳوٺن تي قبضن، ڪاري جبل جي ڪٽائي، ڪيرٿر نيشنل پارڪ تي قبضي خلاف مظاهرو

سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ ڄاندیو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ڀڄيڙ آدمشماري ۾ وانا، وزيرستان ۽ افغانستان جي ماڻهن کي به سنڌ جو شهري ڳڻيو ويو آهي: مظاهرين جون ڳالهيون

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه سنڌ جي زمينن تي قبضن، ڪارونجهر جي ڪٽائي، ڪوهستان جي ڳوٺن تي قبضن، ڪاري جبل جي ڪٽائي، ڪيرٿر نيشنل پارڪ جي 20 هزار ايڪڙ زمين تي قبضي، وڏندڙ مهانگائي، پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ۽ بدامني خلاف عوامي تحريڪ وارهه طرفان عوامي هائوس وارهه ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ان موقعي ڳالهائيندي عوامي تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دولت پور صفن ۾ ڪلارڪ پاران موتمار ڏمڪيون ملڻ خلاف ٽيڪيدار جو احتجاجي مظاهرو

دولت پور صفن (رپورٽر) دولت پور صفن ۾ ڪلارڪ پاران موتمار ڏمڪيون ملڻ خلاف ٽيڪيدار جو مظاهرو روڊس ڪاتي جي ٽيڪيدار نجيب رضا ڀگهيو دولت پور ۾ ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته روڊس ڪاتي آفيس نوشهرو فيروز جو ڪلارڪ ضلعي نوشهرو فيروز ۾ روڊن جون هلندڙ ترقياتي اسڪيمن ۾ ڪروڙين رپين جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



وارهه: ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف سنڌي هاري تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سچل ڪميونٽي ڊولپمينٽ نوشهرو فيروز طرفان ساس جي سهڪار سان امتياز نوح پوٽو سان رهاڻ منعقد

صحافي ۽ سوشل ورڪر عاجز امتياز نوح پوٽو سان مرڪزي ميڊيا هائوس محراب پور ۾ ادبي رهاڻ رچائي وئي

مهمان خاص اديب ۽ ليکڪ جبار ملاح ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ جام محبت علي سهتو هئا

عاجز امتياز نوح پوٽو سڏو سادو، سچو ڪرو ۽ فقير صفت انسان آهي ۽ بهترين خوبين جو مالڪ آهي: ڊاڪٽر الطاف محبوب

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي ساميجو) سچل ڪميونٽي ڊولپمينٽ نوشهرو فيروز طرفان سنڌي ادبي سنگت شاخ خانواهڻ جي ڪائونسلر سينئر شاعر، اديب، ليکڪ صحافي ۽ سوشل ورڪر عاجز امتياز نوح پوٽو سان مرڪزي ميڊيا هائوس محراب پور ۾ ادبي رهاڻ رچائي وئي، هن خوبصورت پروگرام جي صدارت سنڌ جي نامياري اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر الطاف محبوب جوڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

عوام جي خدمت نصب العين اسان جو

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن، سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بينڪ جي گڏيل سهڪار سان جديد طرز جا اصلاحات آڻڻ جي شروعات ڪري چڪي آهي ته جيئن شهرين کي نيڪال ۽ پاڻي جي فراهمي جون بهتر کان بهترين خدمتون ۽ سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

KW&SC جا انقلابي اصلاحات ۽ قدم:

- هائيڊرنٽس سيل آپريشنز سسٽم جي ڊجيٽلائيزيشن جي لاءِ هائيڊرنٽس پورٽل مئنيجمينٽ جي شروعات
- ملازمين کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ صحت جو جديد نظام متعارف
- واٽر ڪارپوريشن سينٽر آف ريفارم ۽ ريسرچ اينڊ انوويشن بلڊنگ جي تعمير جي شروعات
- پاڻي جي چوري، لائين ٽوڙڻ جهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ الڳ پوليس اسٽيشنز جو قيام
- ڪچي آبادين ۽ مضافاتي علاقن جي رهائشين کي رعايتي اگهه تي پاڻي جي فراهمي
- بلڪ صارفين جي لاءِ واٽر فلو ميٽر جي تنصيب جو ڪم تيزي سان جاري
- سڪشن ۽ جيٽنگ مشينن ۾ فليٽ مئنيجمينٽ پورٽل جي شروعات
- پاني ۽ سيوريج سان لاڳاپيل شڪايتن جي فوري ازالي لاءِ ڊجيٽل ڪمپلينٽ سينٽر متعارف
- ايچ آر ڊيٽا بيس جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن
- ڏاهيجي پمپنگ اسٽيشن کان فوربي تائين تباهه شده 72 انچ قطرجي پي آر سي سي رائيزنگ مين نمبر 5 جي تبديلي

اچو ته ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن سان گڏجي پاڻيءَ جي بچت يقيني بڻايون

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن

9_ميل، ڪارساز، شاهراهِ فيصل ڪراچي

021-99245138, 99245140
info@kwsb.gos.pk
www.kwsb.gos.pk
Facebook.com/KWSCOFFICIAL
Twitter.com/KWSBOFFICIAL
Instagram.com/kwscofficial

KWSC/DPR/2023/48

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 14 آگسٽ 2023ع

کنڊو لڳو پير ۾، ڪوتجي پيو ڳوڙو!

خبرون آهن ته، آءِ جي سنڌ هدايتون جاري ڪيون آهن ته، تعليمي ادارن کي منشيات کان پاڪ ڪيو وڃي ۽ منشيات کي تعليمي ادارن ۾ عام ڪندڙ ماڻهن ۽ گروهن جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. اهڙو فيصلو آءِ جي سنڌ جي صدارت ۾ ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ ايس ايس پيز، ڊي آءِ جيز ۽ ايڊيشنل آءِ جيز وڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال سميت منشيات، گٽڪي ۽ ماٺي جي خلاف پوليس ڪارڪردگي ۽ سمورين سماجي برائين جي ڪنٽرول لاءِ قدمن تي ويچاريو ويو.

سنڌ تي گهڻ طرفي يلغار آهي. سنڌ جي ماڻهن جي وڌيل اجتماعي سياسي شعور کان خائف ۽ خوفزده قوتن ايم آر ڊي کانپوءِ هڪ پاسي ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جي صورت ۾ ته شهرن ۾ دهشتگردن جي صورت ۾ اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي ڇڏي آهي ته ٻئي طرف منشيات جي تياري، وڪري ۽ واهپي ذريعي سنڌ جي ماڻهن کي موالي بڻائي، انهن جي مزاحمت واري قوت کي ماٺو ڪري ان حد تائين پهچائڻ جو ارادو ڪيل ٿو ڏسجي، جهڙي نموني چينين کي آفيم جو عادي بڻائي ڪيو ويو هو. هاڻي ته نئين نسل کي تباهه ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ به منشيات جو ڪرو ۽ واهپو جاري آهي. سنڌ ۾ گٽڪي، مين پڙي سميت منشيات جي تياري، وڪرو ۽ واهپو خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويو آهي. ان حقيقت کان انڪار ممڪن نه آهي ته گٽڪو ۽ ماٺو ٺاهيندڙ اڪثر ڪارخانا پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ آهن. هتي اسان سنڌ جي پوليس سربراهه کي اها رپورٽ ياد ڏيارڻ چاهيون ٿا، جيڪا ڪجهه وقت اڳ پوليس جي اسپيشل برانچ ڏني هئي، جنهن ۾ گٽڪي جا ڪارخانا پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلڻ جو انڪشاف ٿيل هو ۽ انگ اکر به ڏنا ويا هئا. ان ڪري پهرين ته اها "تطهير" پوليس ۾ ٿيڻ گهرجي. پوليس جڏهن منشيات جي سرپرستي ڪرڻ ۾ پاڻ ملوث آهي ته پوءِ ڪارروائي ڪنهن جي خلاف ٿيندي؟ "ڪنڊو لڳو پير ۾، ڪوتجي پيو ڳوڙو!" ڇا پوليس کي اها خبر ناهي ته تعليمي ادارن ۾ منشيات، گٽڪو ۽ ماٺو ڪيئن ٿو پهچي؟ هاڻي ته خطرناڪ ڪيميڪلن مان تيار ٿيل مين پڙيون سفينه، ايڪهه سٺو سميت مختلف نالن سان هلن ٿيون. مين پڙي، ماٺو ۽ گٽڪو سنڌ ۾ وڏي پيماني تي وات ۽ نڙيءَ جي ڪينسر جي ڦهلاءَ جو سبب بڻيل آهن. پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هي زهر سنڌ جي نئين نسل جي وجود ۾ اوتيو پيو وڃي! اها ميڊيا تي رپورٽ ٿيل حقيقت آهي ته ڪڏهن منشيات پوليس موبائلن مان هٿ اينديون رهي آهي ته ڪڏهن اسپتالن جي ايمبولينسن مان پڪڙي ويندي آهي. اها منشيات ايتري ته عام ٿي چڪي آهي، جو ڪجهه وقت اڳ لاڙڪاڻي ۾ 13 سالن جي ٻارڙي جي منشيات واپرائڻ واري وڊيو وائرل ٿي هئي. ڇا آءِ جي بهادر کي اها خبر نه آهي ته، ڪنهن به غير قانوني ڌنڌي جو پوليس جي ساٿ ۽ سرپرستيءَ ڪانسواءِ هلڻ ممڪن نه آهي! ڇا اهو ممڪن آهي ته ڪنهن شهر ۾ گٽڪي جا ڪارخانا پوليس جي سرپرستيءَ ڪانسواءِ هلي رهيا هجن. پوليس جي سرپرستيءَ کان سواءِ منشيات جي تياري ۽ وڪرو ممڪن ڪونهي، جيئن مٿي ذڪر ڪيل پوليس جي اسپيشل برانچ جي رپورٽ مان ٿي ظاهر آهي.

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ منشيات جي وڪري ۽ واهپي تي آءِ جي بهادر جي ڪِٽنيءَ کي اسان تحسين جي نگاهه سان ڏسون ٿا، پر اسان اهو ضرور چوڻ چاهينداسين ته ان آپريشن جي شروعات پوليس کان ڪئي وڃي. ڇا تعليمي ادارن ۾ گٽڪي، ماٺي ۽ ٻي منشيات جي وڪري ۽ واهپي مان پوليس جي ڪارڪردگيءَ جي تصوير چٽي ٿي سامهون نٿي اچي؟ اسان اهڙين ڪونه ٿا چئون ته، سڄو ڌڻ جي ڪارين رڍن تي مشتمل آهي پر اسان اهو ٿا چئون ته پوليس ۾ جيڪي ڪاريون رڍون آهن، انهن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، پوليس لاءِ معطلي ڪا به سزا نه آهي. ان ڪري شروعات پوليس کان ٿيڻ گهرجي!

پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن ۽ ماضيءَ جون يادون

اعجاز ممنائي

پاڪستان سميت پوري دنيا ۾ رهندڙ پاڪستاني اڄ پنهنجي آزاديءَ جو قومي ڏينهن جوش ۽ خروش سان ملهائين پيا پاڪستان ۾ ته آزادي جي ڏينهن تي عام موڪل طور ملهايو پيو وڃي ۽ اهو ٻڌايو پيو وڃي ته پاڪستان 1947ع ۾ انگريزن ۽ هندن جي غلاميءَ کان آزاد ٿي غلاميءَ جون سڀ زنجيرون ٽوڙي وجود ۾ آيو. 14 آگسٽ جو ڏينهن پاڪستان ۾ سرڪاري سطح تي قومي ڏڻ جي طور تي وڏي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي جڏهن ته پاڪستاني عوام هن ڏينهن پنهنجو قومي جهنڊو هوا ۾ بلند ڪندي پنهنجي محسنن کي ڀيٽا پيش ڪندو آهي. سڄي ملڪ ۾ اهم سرڪاري عمارتن تي چراغان ڪيو ويندو آهي اسلام آباد جيڪو پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي، ان کي خاص طور تي سجايو ويندو آهي. ان جا منظر جشن جو ماحول پيدا ڪري رهيا هوندا آهن ۽ هتي هڪ قومي حيثيت جي حامل تقريب ۾ صدر پاڪستان ۽ وزيراعظم قومي جهنڊو بلند ڪندي ان ڳالهه جو عهد ڪندا آهن ته اسان هن جهنڊي وانگر هن پياري وطن کي به عروج ۽ ترقي جي بلندين تائين پهچائينداسين انهن تقريبن کان علاوه نه صرف صدارتي ۽ پارلياماني عمارتن تي قومي جهنڊو لهرايو ويندو آهي پر سڄي ملڪ ۾ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري عمارتن تي به سائو چنڊ وارو جهنڊو شان ۽ شوڪت سان بلندي جو نظارو پيش ڪري رهيو هوندو آهي هن ڏينهن تي ريڊيو، ٽيليويزن ۽ انٽرنيٽ تي سڌوسنئون صدر ۽ وزيراعظم پاڪستان جي تقريرون ۽ خصوصي نغمن کي نشر ڪيو ويندو آهي ۽ اهو عهد ورجايو ويندو آهي ته اسان سيني کي ملي ڪري هن پياري وطن کي ترقي، خوشحالي ۽ ڪاميابين جي بلند سطح تي پهچائڻو آهي ان ۾ ڪيترو ڪاميابي ماڻي چڪا آهيون ان جو جائزو وٺڻ لاءِ 15 آگسٽ 1947ع جي قائداعظم محمد علي جناح جي تاريخي تقرير تي نظر وجهون ٿا. جيڪا پاڪستان جي قيام ۽ اُن جي اعلان کان پوءِ ريڊيو پشاور تان نشر ڪئي وئي هئي

قائداعظم جي هن تقرير جو تاريخي ۽ افادي پهلو اهو به آهي ته خود وزارت اطلاعات جي طرفان قائداعظم جي تقريرن واري شايع ڪيل مجموعي ۾ هيءَ تقرير موجود ناهي، ان ڪري انصار ناصري ان تقرير کي قائداعظم جي "امانت" قرار ڏنو آهي. انصار ناصري ان تقرير جي نشر و اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ طول طويل تحرير ۾ ڪافي دلچسپ حقيقتون پيش ڪيون آهن.

انصار ناصري لکيو آهي ته "قائداعظم جي تقرير جو ترجمو مون ڪيو. آخرڪار اها عظيم ۽ مقدس رات آئي، جا حق تعاليٰ جي ارشاد موجب هزار راتين کان افضل رات هئي. يعني 14 ۽ 15 آگسٽ 1947ع جي درمياني رات 27 رمضان المبارڪ 1366هه جي رات يعني "ليلته القدر" ۽ ان سان گڏ خميس ۽ جمعي واري مقدس رات! جنهن جي ٻئي ڏينهن تي، "جمعته الوداع" جو مقدس ڏينهن اچي رهيو هو. اهو عظيم ۽ مقدس بي مثال ۽ سعادت ڀريو وقت 27 رمضان المبارڪ ليلته القدر ۽ جمعته الوداع هو. جڏهن پاڪستان جي قيام جو اعلان ٿيو."

ان پهرئين پاڪستان جي قيام جي موقعي تي قائداعظم جي تقرير پيش ڪئي وئي، جنهن جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو

تقرير جو متن هن ريت آهي

اهليان پاڪستان! السلام عليڪم!

مان انتهائي مسرت ۽ شادماني ۽ قلبي احساسات سان گڏ اڄ اوهان جي خدمت ۾ مبارڪ ۽ تهنيت پيش ڪريان ٿو. 14 آگسٽ اسان جي آزاد ۽ خودمختيار مملڪت پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جو ڏينهن آهي. اڄ جو مبارڪ ڏينهن مسلم قوم جي ڪاميابي ۽ آبرومندي جو ڏينهن آهي. جنهن پنهنجي وطن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ورهين کان جدوجهد ڪئي آهي. اڄوڪي انتهائي اهم وقت تي منهنجي دل اسان جي جنگ آزاديءَ جي انهن دلير مجاهدن جي ياد سان معمور آهي، جن پاڪستان کي حقيقت ٺاهڻ جي راهه ۾ پنهنجي مال ۽ جان جي قرباني پيش ڪئي آهي. مان انهن کي يقين ٿو ڏيارڻ ته پاڪستان هميشه انهن جو ممنون ۽ احسانمند رهندو ۽ انهن ساٿين کي، جيڪي اڄ اسان وٽ موجود ناهن تن کي هميشه لاءِ ياد رکيو ويندو.

هن نئين مملڪت جي قائم ٿيڻ شرط پاڪستان جي شهرين تي زبردست ذميواري لاڳو ٿي آهي، کين اهڙو موقعو حاصل ٿيو آهي، جنهن ۾ هو دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاري سگهن ٿا ته ڪهڙي طريقي سان هڪ اهڙي قوم جنهن ۾ ڪيئي مختلف عناصر شامل آهن. پاڻ ۾ اتحاد ڪري صلح ۽ امن سان زندگي گذارين ٿا ۽ مذهب، نسل جي امتياز ۾ فرق کان سواءِ پنهنجن سيني شهرين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مخلصانه طور خدمت ڪن ٿا.

اسان جو نقطه نظر امن هئڻ گهرجي. ملڪ ۾ اندر به ۽ ملڪ کان ٻاهر به اسان صلح ۽ امن سان رهڻ گهرون ٿا ۽ ان سان گڏ پنهنجي پاڙيسري ملڪن جي باشندن سان ۽ ساري انسان ذات سان خوشگوار ۽ دوستانه تعلقات رکڻ گهرون ٿا. اسان ڪنهن جي خلاف جارحانه ارادا نٿا رکون ۽ اسان گڏيل قومن جي منشور جا پابند آهيون ۽ عالمي امن ۽ خوشحاليءَ جي فروغ ۾ دلي خوشيءَ سان حصو وٺندا رهنداسون.

هندستان جي مسلمانن اهو دنيا کي ڏيکاريو آهي ته مسلمان هڪ متحد قوم آهن. ان جا مطالبا ۽ مقصد سڀ حق ۽ انصاف تي ٻڌل آهن. جن کي ڪڏهن به رد ڪري نٿو سگهجي.

اڄوڪي مبارڪ ڏينهن تي اسان الله تعاليٰ جي بخشيل نعمتن جو شڪر ادا ڪريون ۽ دعا ڪريون ته اسان کي ان جي اصل ثابت ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اڄوڪي ڏينهن تي اسان جي قومي تاريخ جي تلخين سان ڀريل دور جو خاتمو ٿي چڪو آهي ۽ اڄوڪي ڏينهن تي اسان جي نئين ۽ شاندار ۽ پروقار دور جو آغاز به هئڻ گهرجي.

پنهنجين سرحدن جي آزادي پسند قبيلن ۽ سرحدن کان ٻيءَ پار مملڪتن ۽ آباد باشندن جي خدمت ۾ پڻ اسان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا ۽ کين يقين ٿا ڏياريون ته پاڪستان انهن جي عظمت ۽ مرتبي جو هميشه هميشه احترام ڪندو رهندو ۽ امن جي قيام جي سلسلي ۾ انهن سان هميشه دوستانه طور تي تعاون ڪندو رهندو.

اسان چاهيون ٿا ته اسان پاڻ به باعزت زندگي بسر ڪريون ۽ ٻين کي به باعزت زندگي بسر ڪرڻ لاءِ موقعو ڏيون. ان کان وڌيڪ اسان جي ٻي ڪا به تمنا ڪانه آهي.

آخر ۾ منهنجا عزيز هم وطن دوستو ۽ پيارو! مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته پاڪستان جي سرزمين عظيم وسيلن ۽ ذخيرن سان مالا مال آهي پر هڪ اهڙي ملڪ بنائڻ جي لاءِ جو مسلم قوم جي شايان شان هجي، اسان کي پنهنجين سيني قوتن کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت رهندي ۽ مون کي پڪ ڀروسو آهي ته ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جا سڀ رهاڪو دل ۽ جان سان پنهنجي پوري قوت ۽ صلاحيت کي وقف ڪندا.

"پاڪستان زنده آباد!"

قائد اعظم محمد علي جناح جي ان تقرير ۾ ڪيترائي اهم نڪتا بيان ٿيل آهن جن کان اڄ به اسان وانجهيل آهيون 14 آگسٽ يوم آزادي جو ڏينهن رڳو رسمي طور ملهائي رهيا آهيون اسان بظاهر برصغير جي ماڻهن انگريزن ۽ هندن کان آزادي حاصل ڪئي هئي پر پوري دنيا جي غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳلي ۾ وڌوسين اسانجي ماڻهن "سر" جا خطاب وٺي دل خوش ڪئي ۽ بدلي ۾ انگريزن آزادي به انهن کي ڏني ته جيئن عوام جي کل لاهي سگهو ٿو لاهيو. اسان هڪ ڏينهن صبح جو انگريزن ۽ هندن جي غلاميءَ کان آزاد ٿياسين شام جو وري آئي ايم ايف سميت ٻين جا بدترين خاموش غلام ٿياسين ڏينهن ته ملهائيو پوءِ ڪير آزادي جو ڏينهن ملهائي ته ڪير غلاميءَ جو جش ملهائي جنهن جا وسيلا، زمينون، درياءَ، سمنڊ، تيل، گئس، روڊ، فڪر ۽ سوچون آزاد آهن اهي آزادي ملهائين جنهن جا وسيلا قيد ۽ قبضي هيٺ آيل هجن، جنهن جا حڪمران ۽ فيصلا امپورٽيڊ هجن اهي آزاديءَ جا جشن ڪيئن ملهائيندا، اڄوڪي ڏينهن تي اهو ضرور سوچڻ گهرجي

***

ڪُوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نينهنَ جي، پاسي ڪَرَ م پاڻُ؛
ڇُلَ، وِڃائي ڇاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

پاڪستان جي آزادي جو ٧٦ هون ڏهاڙو

تحرير: اعجاز علي تيوڻو/نوابشاهه

پاڪستان ۾ آگسٽ جو مهينو شروع ٿيندئي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ يوم آزادي پاڪستان قومي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ جون تياريون شروع ڪيون ويون آهن چاڪاڻ ته دنيا ۾ رهندڙ هر قوم لاءِ ڪجهه ڏينهن اهڙي طرح اهميت رکندا آهن جنهن جو ذڪر دلين کي باغ بهار بڻائي ڇڏيندو آهي پاڪستان جي تاريخ ۾ 14 آگسٽ (يوم آزادي پاڪستان) پڻ وڏي اهميت رکي ٿو چاڪاڻ ته 14 آگسٽ يوم آزادي صرف هڪ ڏينهن نه پر انهن مجاهدن جي قربانين جو پيغام پڻ آهي جن جي قربانين جي ڪري اسان کي آزاد ملڪ مليو آزادي جو مطلب ۽ قدر انهن کان پڇا ڪجي جيڪي اڄ به قيد ۾ وقت گذاري رهيا آهن يوم آزادي جو لفظ زبان مان نڪرندئي تحريڪ پاڪستان جي دؤر جي ياد تازي ڪري ٿو ۽ اهو زمانو تصور ۾ اڀرڻ لڳي ٿو جڏهن برصغير جي مسلمانن پنهنجي عزم ۽ حوصلي سان پنهنجي مستقبل جي عمارت تعمير ڪري رهيا هئا اهو دور مسلمانن لاءِ تمام گهڻو ڏکيو دور هو هڪ طرف انگريز جيڪي هزارن سالن کان هتي حڪومت ڪرڻ لاءِ منصوبا بندي ڪري رهيا هئا ان نازڪ دور ۾ قائد اعظم محمد علي جناح آزادي جي سج جي علامت بڻجي اڀريو آزاديءَ جو اهو سج جيڪو ڏسندي ڏسندي غلامي جي تاريخن کي ٽوڙيندي آزادي جي روشني سان ماحول جڳمڳائڻ لڳو قائداعظم جي قيادت قدرت طرفان وڏو انعام هو اهو قائد جنهن باطل جي سامهون جهڪڻ نه پر جهڪائڻ سکيو هيو.

قائداعظم محمد علي جناح جي ڪوششن سان قوم صدين جو فاصلو سالن ۾ طي ڪيو ۽ 14 آگسٽ 1947 تي انگريزن جي اقتدار کي ختم ڪيو ۽ مسلمانن کي هڪ آزاد ملڪ ڏنو ان وقت انگريز سامراج مسلم دشمني ۾ ناڪام ٿي چڪا هئا اسان جي محبوب قائد پنهنجي سمورن دشمنن کي شڪست ڏئي چڪو هو ۽ دنيا پاڪستان جي وجود کي سلامي عقيدت پيش ڪري رهي هئي تحريڪ پاڪستان جي اصل قوت به قومي نظريه هئي جنهن برصغير جي مسلمانن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪيو، پاڪستان جي فضائن جو مطلب ڇا لااله الاالله جي پرجوش نعرن سان گونجي رهيو هو اهوئي نظريه اسلام پاڪستان جي حقيقي بنياد آهي ان لاءِ جيڪڏهن اسان چاهيو ٿا ته پاڪستان هر لحاظ سان سربلند ۽ خوشحال هجي ته اسان کي ان جي نظرياتي بنيادن کي مضبوط بڻائڻو پوندو اسلام هن ملڪ جو مقدر به آهي ۽ ان جي مستقبل جي ضمانت به آهي

اڄ 14 آگسٽ 2023 تي پوري ملڪ ۾ پاڪستان جي آزادي جو 76 هون ڏهاڙو قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ملڪ سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ هر طرف ننڍا توڙي وڏا ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ خصوصي دعائون گهري رهيا آهن جڏهن ته قومي هيروز پاران آزادي لاءِ ڏنل قربانين بابت نوجوان نسل کي آگاهي ڏيڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ پروگرام منعقد ڪيا پيا وڃن جتي شاگردن ۽ شاگرديائين پاران قومي نغمن ۽ تقريري مقابلن ۾ ڀرپور حصو ورتو پيو وڃي جڏهن ته سرڪاري عمارتن کي قومي جهنڊين ۽ رنگ به رنگي بلبن سان سينگاريو ويو آهي ۽ سرڪاري ادارن ۾ پڻ يوم جشن آزادي جي موقعي تي جهنڊو ڦڙڪايو پيو وڃي اچو ته ملڪ جي آزادي واري ڏهاڙي تي اهو وچن ڪيون ته ملڪ کي سرسبز بنائڻ لاءِ وڻڪاري سان گڏوگڏ ملڪ جي دفاع، سلامتي ۽ بهتري لاءِ ڀرپور قدم کڻنداسين ۽ پنهنجي ملڪ کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين.

پاڪستان زند آباد

بقايا 01 ***

ويو آهي ته منهنجو هي خط 22 جولاءِ 2022 جي ميسيج جو حصو آهي. جن مسئلن جو ذڪر مون اڳ ڪيو هو ڪاش ان ۾ گهٽتائي اچي ها. اڄ به بلوچستان ۾ ساڳيون جبري گمشدگيون ٿي رهيون آهن. سياسي حل جي بجاءِ بندوق سان مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اسان تي جيڪا گذري يا گذري رهي آهي اها اسان جي قسمت آهي. حيرت ان ڳالهه جي آهي ته اوهان ماڻهن تي جيڪا گذري انهن مان اوهان اڃان تائين سبق ناهي سکيو. سينيٽر مينگل پنهنجي خط ۾ لکيو آهي ته موجوده حالتن جو حل سياستدانن جي بجاءِ اسٽيبلشمينٽ جي مشاورت سان ڳولا ڪيو پيو وڃي. اسان کي جنرل ايوب کان جنرل مشرف تائين جا ظلم چڱي طرح ياد آهن پر اوهان جي پارٽي مشرف ۽ باجوه جي سازشن ۽ غير آئيني قدمن کي ايترو جلدي وساري ڇڏيو هن چيو ته موجوده دور ۾ گوادر يونيورسٽي جو لاهور ۾ قيام جو اعلان ڪيو ويو، گوادر ايئرپورٽ جو نالو اهڙي شخص جي نالي سان ڪيو ويو جنهن کي شايد ئي بلوچستان جا ماڻهو سڃاڻيندا هجن. بي اين پي اڳواڻ جي خط ۾ آدمشماري تي به خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته گذريل آدمشماري ۾ بلوچستان جي آبادي جيڪا تقريبن 2 ڪروڙ 24 لک هئي ان کي 73 لک کان گهٽ ڪيو ويو نوازشريف کي لکيل خط ۾ اهو به چيو ويو آهي ته اهم فيصلن ۾ اتحادين کي اعتماد ۾ نه وٺڻ سان بداعتمادي وڌندي. وزيراعظم جي لاءِ اهڙي شخص جي نامزدگي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ اسان جي سياست جا دروازا بند ڪيا ويا آهن. اوهان جي اهڙي طرح جي فيصلن اسان وچ ۾ وڌيڪ وڇوٽيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 02 ***

ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن پارٽي قيادت سان مشاورت کان پوءِ نگران وڏي وزير جي لاءِ نالا پيش ڪرڻ تي اتفاق ڪيو هو وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته ڪوشش آهي ته 2013ع ۽ 2018ع جيان نگران وڏي وزير جي لاءِ گڏيل نالا سامهون آڻيون. ميڊيا جي مرضي آهي جهڙا به نالا هلائي پر في الحال ڪوبه نالو فائنل نه ٿي سگهيو آهي هو ڏانهن گڏيل نالا ڏيڻ جي لاءِ ايم ڪيو ايم اڳواڻ جاويد حنيف به جي ڊي اي جي سردار رحيم سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي جنهن کان پوءِ ٻنهي پارٽين طرفان گڏيل نالا ڏيڻ تي راضپي جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 03 ***

وڏي وزير جو نالو فائنل ٿي ويندو ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي رعنا انصار چيو ته سنڌ جي نگران وڏي وزير جي نالي کي فائنل ڪرڻ لاءِ وقت گهرجي. اڄ ٻيهر ملاقات ٿيندي، اميد آهي ته نالو فائنل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته اسان جي قيادت صلاح مشوري کانپوءِ نالو ڏينداسين، قيادت پاران جيڪو نالو ڏنو ويو آهي اهو پيش ڪنداسين. سنڌ اسيمبليءَ جي مخالف ڌر اڳواڻ جو اهو به چوڻ هو ته وڏي وزير مراد علي شاهه سان مشاورت جو ٻيو دور هو. نگران وڏي وزير لاءِ درجنين نالا سامهون آيا آهن.هن چيو ته هو وڏي وزير جي ڏنل نالن تي صلاح مشورا ڪندا. جي ڊي اي وٽ به نگران وڏي وزير لاءِ نالا آهن. هڪ نالي تي اتفاق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. رعنا انصار چيو ته نالي تي اتفاق نه ٿيو ته معاملو پارلياماني ڪميٽي ڏانهن ويندو. نگران وڏي وزير لاءِ جيڪي به نالا آهن اهي سڀ قابل احترام آهن

بقايا 04 ***

ڪندو، گذريل ڏينهن بلوچستان عوامي پارٽي جي اڳواڻ انوارالحق ڪاڪڙ کي نگران وزيراعظم بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جنهن جي سمري تي صدر عارف علوي به صحيح ڪري ڇڏي هئي وزيراعظم شهباز شريف ۽ اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض وچ ۾ وزيراعظم هائوس ۾ نگران وزيراعظم جي حوالي سان مشاورت جو ٻيو دور ٿيو جنهن کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف لاهور روانو ٿي ويو هو انوارالحق ڪاڪڙ کي وزيراعظم جو پروٽوڪول ملي ويو آهي. نگران وزيراعظم جي مقرري کان پوءِ شهباز شريف وزيراعظم هائوس خالي ڪري پنهنجو ذاتي سامان پاڻ سان گڏ کڻي ويو هو

بقايا 05 ***

ادا ڪريان ٿو جنهن مشاورت ۾ مدد ڪئي. شهباز شريف چيو ته انوارالحق ڪاڪڙ پڙهيل لکيل ۽ محب وطن شخص آهي. سمورين پارٽين جي طرفان انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي ڀروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي. اميد آهي ته انوارالحق ڪاڪڙ ملڪ ۾ شفاف، آزاد ۽ اٿڙيون چونڊون يقيني بنائيندو شهباز شريف وڌيڪ چيو ته 16 مهينن دوران اسان ملڪ کي جنهن معاشي استحڪام سان نوازيو اميد آهي ته اڳتي به ان جو سلسلو جاري رهندو. ترقي، تعمير ۽ معاشي بهتري جو تسلسل يقيني بنائڻ پاڪستان ۽ عوام جي بهتري لاءِ ضروري آهي. شهباز شريف چيو ته دعاگو آهيون ته نگران وزيراعظم ۽ ان جي ڪابينه عوام ۽ آئين جي اميدن تي پورو لهي. ياد رهي ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ راجا رياض نگران وزيراعظم جي لاءِ بلوچستان عوامي پارٽي جي اڳواڻ انوارالحق ڪاڪڙ جو نالو منظور ڪيو جنهن جي صدر عارف علوي به منظوري ڏئي ڇڏي آهي انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ تي نگران وزيراعظم واري عهدي جو حلف کڻندو.

بقايا 06 ***

پروگرامن ۾ خوبصورت رنگ سمايل آهن. حيدرآباد پريس ڪلب تي به جشن آزادي جي حوالي سان چراغان ڪيو ويو آهي، ٻارن توڙي نوجوانن بزرگن ۽ عورتن طرفان جشن آزادي جي حوالي سان قومي جهنڊي وارا بيج لڳايا ويا آهن. جڏهن ته موٽرسائيڪلن سميت سمورين گاڏين تي ملڪ جو قومي جهنڊو لڳائي جشن آزادي کي ڀرپور نموني سان ملهائڻ جي تياري ڪئي وئي آهي. اڄ رات جي وقت سڄي شهر ۾ جشن آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو. ڪيڪ ڪٽڻ جون تقريبون منعقد ڪيون وينديون. جن ۾ آتش بازي ۽ قومي گيتن تي رقص ڪيو ويندو.

بقايا 07 ***

پوليس ۽ ڊولفن فورس جون 5 ٽيمون جوڙيون ويون آهن. پوليس ترجمان جو چوڻ هو ته باجا ۽ هارن وڄائيندڙن خلاف قلم 144 ڪيو ويو آهي، ون ويلنگ ۽ هنگامي تي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ايڪسپريس وي، شاهراهه دستور، ڪشمير هاءِ وي ۽ ڪلب روڊ تي ڪارروائيون ڪيون وينديون. پوليس ترجمان ٻڌايو ته يوم آزادي جي موقعي تي سمورا ايس ڊي پي اوز، ايس ايڇ اوز کي علائقن ۾ روڊن تي رهڻ جي هدايت جاري ڪئي وئي آهي، موٽرسائيڪل جي سائلنسر ڪولڻ ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ تي به ڪارروائي ٿيندي.

بقايا 08 ***

حوالي سان پنهنجي هڪ بيان ۾ شيخ رشيد چيو آهي ته پوليس گهر مان قيمتي سامان، ڊرائيور ۽ ملازم کڻي ويا. شيخ رشيد چيو ته پوليس لال حويلي مان ڪيمرا، ليپ ٽاپ ۽ موبائيل فون به کڻي ويا. هن چيو ته مون تي 3 آپگهاتي حملا ٿي چڪا آهن. هاڻي جيڪڏهن ڪو دهشتگردي جو واقعو ٿيو ته ذميوار موجوده حڪمران هوندا. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه چيو ته لال حويلي ۾ 50 سالن کان آزادي واري ڏهاڙي تي تقريبون منعقد ٿي رهيون آهن. پوليس لائوڊ اسپيڪرز، آتش بازي ۽ اسٽيج کڻي ويا، آتشبازي ڪٿي ٿيندي؟ شيخ رشيد چيو ته پاڪستان جي شهيدن، غازين ۽ معمارن کي سلام پيش ڪريون ٿا. عوام تيار آهي. يوم آزادي جي ريلي راجا بازار، ڪميٽي چوڪ يا چاندني چوڪ تي ٿي سگهي ٿي. هر 3 ڪلاڪن بعد وڊيو پيغام جاري ڪيو ويندو.هن وڌيڪ چيو ته هو سياسي جلسو نه پر جشن آزادي جو جلسو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي ته مون سان ڳالهايو. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ نه کڻڻ گهرجي.

بقايا 09 ***

خان ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي حافظ حمدالله چيو ته نگران وزيراعظم اهوئي سٺو آهي جيڪو هڪ بيگ ۾ اچي ۽ ساڳيو ئي بيگ واپس کڻي وڃي.هڪ سوال جي جواب ۾ حافظ حمدالله چيو ته جيڪو ڪجهه بشريٰ بي بي جي ڊائري ۾ لکيل آهي. اهڙو واقعو به پيش آيا آهن. پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت ان وقت جي خاتون اول هلائيندي هئي. ڊائري مان ثابت ٿيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت جادو جي اثر هيٺ هئي. حافظ حمدالله چيو ته 9 مئي تي سڀ ڪجهه هڪ منصوبي جي تحت ڪيو ويو. پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري مڪافات عمل آهي، ان جي حڪومت ۾ مخالفن تي بي بنياد ڪيس داخل ڪيا ويا، پي ڊي ايم ترجمان چيو ته القادر ٽرسٽ جي زمين ۽ 190 ملين پائونڊ ڪنهن ڏنا، حقيقت سيني جي سامهون اچڻ گهرجي. ياد رهي ته نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ يوم آزادي تي حلف کڻندو. گذريل ڏينهن بلوچستان عوامي پارٽي جي اڳواڻ انوارالحق ڪاڪڙ کي نگران وزيراعظم بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جنهن جي سمري تي صدر عارف علوي به صحيحون ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 10 ***

۾ ٿي رهندو. حلف کڻڻ بعد وزيراعظم هائوس منتقل ٿيندو گذريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف ۽ اپوزيشن ليڊر راجا رياض اتفاق راءِ بعد انوارالحق ڪاڪڙ جو نگران وزيراعظم طور نالو فائنل ڪيو هو جنهن کان پوءِ صدر عارف علويءَ آئين جي آرٽيڪل 224 ون اي تحت انوارالحق ڪاڪڙ جي نگران وزيراعظم طور مقرريءَ جي منظوري ڏني هئي. انوارالحق ڪاڪڙ سڀاڻي 14 گسٽ تي نگران وزيراعظم طور حلف کڻندو

بقايا 11 ***

آئر پيش ڪيو ويندو. ذريعن ٻڌايو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف طرفان سياڻي قوم سان الوداعي خطاب به امڪان آهي. ذريعن موجب وزيراعظم قوم سان خطاب ۾ 16 مهينن جي حڪومتي ڪارڪردگي تي ڳالهيون ڪندو.

بقايا 12 ***

موسم جهڙالي رهندي. موسمياتي کاتي موجب ڪراچي شهر ۾ وقفي وقفي سان ڦڙ ڦڙ جو به امڪان آهي ڪراچي ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 27 ڏهائي 4 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ. وڌ ۾ وڌ گرمي پد 32 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان آهي هوا ۾ گهم جو تناسب 81 سيڪڙو رڪارڊ. موسمياتي کاتي چيو آهي ته ڏکڻ اولهه کان هوائون 15 کان 25 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان گهلنديون رهنديون

بقايا 13 ***

ڪيو ويو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري مان ثابت ٿئي ٿو ته مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي جي خواهش پوري نه ٿي. جيڪڏهن اهو معاملو اليڪشن ڪميشن وٽ وڃي ها تڏهن به ساڳيو نالو سامهون اچي ها. اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض کي تنقيد جو نشانو بنائيندي شاهه محمود قريشي چيو ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته ملڪ جا اهم فيصلا راجا رياض ڪندو؟ هن چيو ته اسان اميد رکون ٿا ته انوارالحق ڪاڪڙ پي ڊي ايم جهڙو ايمر رويو نه رکندو ملڪ ۾ آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرايون وينديون. شاهه محمود قريشي وڌيڪ چيو ته اسان جو ڪنهن به اداري سان ڪوبه جهيڙو نه آهي. اسان کي ڏسڻو آهي ته ملڪي مفاد کي ڪهڙي طرح اڳيان وڌائڻو آهي.

بقايا 14 ***

رعنا انصار وچ ۾ ملاقات کانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي ناصر شاهه چيو ته اڄوڪي ملاقات ۾ ڪيترن ئي معزز ۽ قابل اعتماد نالن تي غور ڪيو ويو پ پ اڳواڻ اهو به چيو ته اميد آهي ته سنڌ جي نگران وڏي وزير جو فيصلو سڀاڻي يوم آزادي تي ڪيو ويندو

بقايا 15 ***

۾ 12 ۽ 13 آگسٽ جي رات دهشتگردن جي ڳجهي موجودگي واري اطلاع تي آپريشن ڪيو آءِ ايس پي آر موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته هڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي وارين ڪاروائين ۾ ملوث هئا. دهشتگرد بي گناهه شهرين جي قتل ۽ خودڪش ڌماڪن ۾ به سرگرم هئا. دهشتگردن وٽان خودڪش جيڪٽ سميت هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ آيو آهي آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 24 ورهين جو سپاهي محمد شعيب به شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي پاڪ فوج پاڪستان مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 16 ***

ڏني. مزدا ڊرائيور سميت 3 ڄڻا قتل ٿي ويا. هٿياربندن فرار ٿي ويا. قتل ٿيلن ۾ علي خان بگٽي بهادر خان، عبدالواحد بگٽي شامل آهن اطلاع تي پوليس پهچي مارجي ويلن جا لاش شڪارپور اسپتال منتقل ڪيا. انڊس هاءِ وي تي 3 ڄڻن جي قتل ۽ ٻن جي اغوا خلاف ڌرڻو هنيو ويو. ٽريفڪ معطل ٿي رئيڪرمپور پرسان انڊس هاءِ وي تي ٽن ڄڻن جي قتل ۽ ٻن جي اغوا خلاف وارثن جو ڌرڻو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي. مظاهرين موجب ناپرڪوٽ ٿاڻي جي حد ۾ رات دير سان ڌاڙيلن مزدا گاڏي تي فائرنگ ڪري ڏنيمظاهرين موجب ڌاڙيل علي خان. بهادر خان ۽ عبدالواحد بگٽي کي قتل ڪرڻ بعد محمد حسين ۽ احمد کي اغوا ڪري ويا. ڌاڙيل سرعام واردات ڪري فرار ٿي ويا، پوليس هن وقت تائين ڪک پڇي بيٺو ناهي ڪيو

بقايا 17 ***

محمود کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي. رپورٽن مطابق سردار تنوير الياس کي آزاد جمون ڪشمير جو پارٽي صدر نامزد ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته استحڪام پاڪستان پارٽي في الحال رجسٽرڊ ناهي ان ڪري هو چونڊ نشان جي اهل ناهي.

بقايا 18 ***

الادين پارڪ ويجهو روڪي ته موٽرسائيڪل ٻن جوابدارن موبائيل، ٻتون ڦر ڪيو ۽ فرار ٿي ويا. ٻئي پاسي شهر جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ سبب 2 ڄڻا فوت ۽ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا.

بقايا 19 ***

اڳواڻ خورشيد شاهه جي بيان تي ڪاوڙ ڪندي ان کان وضاحت گهري هئي جنهن تي هن پنهنجي بيان جي وضاحت پيش ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 20 ***

سامهون اچڻ تي ڊي پي او رحيم يار خان واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدار جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو هو پوليس موجب واقعو ٽي ڏينهن اڳ پيش آيو. جتي جوابدار واتهڙو عورت کي هراسان ڪيو ۽ فرار ٿي ويو. سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان جوابدار کي گرفتار ڪري مٿس سرڪار جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا 21 ***

موجب عبدالحليم چاچڙ ۽ شعيب منگي وچ ۾ پرابرٽي جي ڏيتي ليتي ٿيل هئي ان جا پئسا شعيب منگي ڏانهن رهيل هئا جنهن سبب واقعو پيش آيو آهي. پوليس موجب عبدالحليم چاچڙ واري ڌر شعيب منگي جي جڳهه ۾ ويٺل ڪان منگي ڌر جا جوابدار جڳهه خالي ڪرائڻ آيا هئا جنهن دوران فائرنگ سبب نوجوان عبدالرزاق چاچڙ قتل ٿي ويو آهي جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو واقعي بعد پوليس 6 ڄڻا گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته فوت ٿي ويل جو لاش پوليس تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 22 ***

سرحدن جي حفاظت توڙي اسلامي نظام جي نفاذ لاءِ جدوجهد ڪري قائد اعظم جي خوابن جي تعبير ڪرڻ اسان مٿان فرض آهي صوبائي امير پاڪستان جي 76 هين جشن آزادي جي ڏهاڙي تي پنهنجي جاري ڪيل پيغام ۾ وڌيڪ چيو ته 14 آگسٽ نه فقط پاڪستان بلڪ دنيا جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو جنهن ڏينهن تي شهيدن جي قربانين ۽ باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي ڏکي جدوجهد کان پوءِ دنيا جي نقشي تي "پاڪستان" جي نالي سان مسلمانن کي الڳ سڃاڻپ ملي، پر بدقسمتي سان پاڪستان ٺهندي ئي اقتدار ۾ ايندڙ حڪمرانن جي اڪثريت غيرن جي غلامي اختيار ڪندي قيام پاڪستان جي حقيقي مقصدن کي پٺي ڏئي نظرياتي سرحدن کي ڪوکلو ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪونه ڇڏي جنهن جي ڪري اڄ پاڪ وطن معاشي. سياسي ۽ اخلاقي طور ٻڏندي پنهنجي ويو آهي، مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي انڪري اڄ 14 هين آگسٽ جي ڏهاڙي تي پوري قوم کي اهو عزم ڪرڻ گهرجي ته نه رڳو پاڪستان جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت بلڪ قيام پاڪستان جي حقيقي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ اسلامي انقلاب لاءِ رت جو آخري ڦڙو وهائڻ تائين جدوجهد جاري رکنداسين. ايندڙ چونڊن ۾ نااهل توڙي حرامخورن بدران مخلص ۽ وطن دوست قيادت کي ڪامياب ڪري اقتدار تائين پهچايون.

بقايا 23 ***

بعد ڏوهارين جي پويان رواني ٿي وئي. هوڏانهن واقعي خلاف ملڪ ۽ قمبراڻي برادري پاران انڊس هاءِ وي جي قمبراڻي اسٽاپ وٽ ٽائرن کي باهه ڏيئي روڊ بلاڪ ڪيو ويو. ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي رئي احتجاج ڪندڙن چيو ته شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي. پوليس شهرين جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. اغوا ٿيل منشي عبدالوحيد ملڪ کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 24 ***

ڏنو مهيسر، آئي ايل ايف اڳواڻ ايڊووڪيٽ ظهور محمود، ايڊووڪيٽ عبدالوهاب بلوچ، ايڊووڪيٽ جليل احمد مروت، ايڊووڪيٽ ناصر يوسف، ايڊووڪيٽ فياض سمو ۽ ٻين وڪيلن شرڪت ڪئي. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ايڊووڪيٽ علي پلڙ چيو ته جشن آزادي جو ڏهاڙو هر پاڪستاني عيد وانگر ملهائيندو آهي پي ٽي آئي پوري سنڌ ۾ 14 آگسٽ جو ڏهاڙي جوش جذبي سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي مگر ڪجهه قوتون اسان کي جشن آزادي ملهائڻ کان روڪي رهيون آهن ڇا اسان پاڪستاني ناهيون. جشن آزادي ملهائڻ جو تياريون سموري سنڌ ۾ جاري آهن اگر اسان کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ته عدالت سان رجوع ڪنداسين. جشن آزادي جون تياريون ڪرڻ تي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، جيمس آباد ۾ پي ٽي آئي اڳواڻ کي گرفتار ڪري ڪوڙيون ايف آئي آرون داخل ڪيو ويون جنهن جي سخت مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف دنيا جي 8 هين نمبر تي وڏي ۾ وڏي ۽ پاڪستان ۾ پهرين نمبر تي وفاقي جماعت آهي باقي پارٽيون کي صوبائي سطح تائين نه کي ريجنل سطح تائين محدود ٿي ويو آهن تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان آهي جنهن کي پوري دنيا تسليم ڪري جنهن کي ڪوڙي توشا خاني جي ڪيس ۾ بغير دفاع جي حق ڏيڻ جي سزا ڏني وئي آهي عمران خان کي اڊيالا جيل اماڻ بجائي اٽڪ جيل ۾ اماڻي ازيتون ڏنيون پيون وڃن جنهن جي سخت مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته رويو اينڊ آرڊ جي جي ايڪٽ کي قلعدم قرار ڏيڻ جي آجيان ڪيون ٿا هڪ فرضي پارليمينٽ جي ذريعي چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ جا پاور کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. آئي ايل ايف اڳواڻ ظهور محمود چيو ته جيل ۾ عمران خان سان زيادتيون ٿي رهيون جيڪي جيل رولز جي خلاف آهن پاڪستان جي عوام موجوده نظام مان بيزار اچي چڪي آهي رولز آف لاءِ ڪٿي نظر نٿو اچي، ايڊووڪيٽ وهاب بلوچ چيو ته اسان کي ڪنهن به اداري سان ڪو شڪوه ناهي پر اسانجي پارٽي ۽ چيئرمين عمران خان سان جيڪي زيادتيون ٿي رهيون آهن ان جي مذمت ڪريون ٿا. ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ رحمان ڏنو مهيسر چيو ته پاڪستان جي ڪنهن به پارٽي سان اهڙو سلوڪ نه ڪيو ويو هو جهڙو هن وقت سان جي پارٽي سان ڪيو پيو وڃي انصاف هائوس ڪراچي جي مين شاهراه تي قائم آهي عدالت جي حڪم باوجود اسان کي پنهنجي گهر ۾ وڃڻ جي اجازت نه ڏني وئي ملڪ ۾ قانون جي پائماني ٿي رهي آهي اسان جو جيڪو قانوني آهي ان حق کان اسان کي روڪيو پيو وڃي ڪوڙيون ايف آئي آرز ڪٽيون پيون وڃن وقت هميشه هڪ جهڙو ناهي رهندو.

بقايا 25 ***

دڙي سندراڻي جا رهواسي نوجوان محمد اسلم ملڪ ۽ وسيم جنو گذريل ڏينهن دڙي اسٽاپ پرسان باءِ پاس هوٽل تي چانهه پيئڻ لاءِ ويا هئا جيڪي رات تائين گهر واپس نه پهتا وارثن پاران نوجوانن جي علائقي ۾ ڳولا ڪئي وئي پر ڪٿان به ڏس پتو نه ملي سگهيو، وارثن ٻنهي نوجوانن جي اغوا ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪيو آهيوارثن حد جي ٿاڻي تي اطلاع ڪيو. جنهن بعد پوليس جاچ شروع ڪئي آهي جڏهن ته نوجوانن جي گهرن ۾ پريشاني واري صورتحال آهي

بقايا 26 ***

قريشي اوجها ڪئمپس ۾ ڊائو ڪينسر سينٽر جو هڪ سال پورو ٿيڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون سال پورو ٿيڻ جي تقريب کي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊائو يونيورسٽي اسپتال ڊاڪٽر جهان آرا حسن، ڊاڪٽر زاهد اعظم، ڊاڪٽر ڪاشف شفيق، ڊاڪٽر نويد علي خان، ڊاڪٽر نسرين ناز، ڊاڪٽر مريم ۽ خطاب ڪيو جڏهن ته ڪينسر سينٽر مان فائدو وٺندڙ ٻن عورتن به علاج دوران ملندڙ سهولتن جي به ساراهه ڪئي ۽ ڊائو يونيورسٽي انتظاميه جو شڪريو ادا ڪيو پروفيسر محمد سعيد قريشي چيو ته ڊائو ۾ ڪيموٿراپي سميت ڪينسر جي علاج لاءِ ڏنل سهولتون رعايتي اگهن تي فراهم ڪيون وڃن ٿيون هن چيو ته هڪ سال اڳ ڊائو ڪينسر سينٽر کو خاص نموني سان قائم ته ٿيو هو ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊائو يونيورسٽي اسپتال ڊاڪٽر جهان آرا خطاب ڪندي چيو ته ڊائو ڪينسر سينٽر هر قسم جي ڪينسر جي علاج لاءِ خصوصي انتظام ڪيا آهن اهوئي سبب آهي جو گهٽ وقت ۾ مريضن جو رجحان ان پاسي وڌي رهيو آهي هن ٻڌايو ته گذريل 5 سالن اندر گائناڪالوجي جون 250 سرجريون ڪيون ويون آهن هن چيو ته ڪينسر سينٽر جي هڪ سال جي ڪامياب تڪميل اسان کي هڪ نئون جذبو عطا ڪيو آهي ڊاڪٽر زاهد اعظم چيو ته ٻن بيڊن تان شروع ٿيندڙ ڪينسر سينٽر 10 بيڊ تائين پهچي چڪو آهي اسان جي پوسٽ گريجوئيٽ ٽرينيز لاءِ هي هڪ مثال آهي اهي سکن ته جيئن مريضن جي علاج لاءِ نوان شعبا قائم ٿي سگهن. تقريب جي پڇاڙي کان اڳ پروفيسر محمد سعيد قريشي ڊاڪٽرن ۾ شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ به ورهايا.

بقايا 27 ***

چنا جي جاري ڪيل پڌرائي موجب هوءَ دعوتي ۽ تنظيمي مصروفيتن کان علاوه شام جو 05 وڳي جامعته الحرمين سعيد آباد جو دورو نعمت الله خان تعليمي بلاڪ جو افتتاح ۽ مغرب جي نماز کان بعد اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ جي آءِ يوٿ پاران رٿيل "يوٿ ڪنونشن" کي خطاب ڪندو. ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي ۽ ٻيا صوبائي توڙي مرڪزي اڳواڻ پڻ سائس گڏ موجود هوندا. هن کان اڳ ۾ سراج الحق جو حيدرآباد ٽول پلازا ڪراچي سوري وٽ پڻ ڀرپور استقبال ڪيو ويندو

بقايا 28 ***

تان استعيفيٰ ڏيڻ واري فيصلي جي تصديق ڪئي. هن چيو ته هو بلوچستان عوامي پارٽي (بي اي پي) جي ميمبرشپ تان به استعيفيٰ ڏيندو

بقايا 29 ***

ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو آهي جڏهن ته 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهنزخمين ۾ هڪ ڌر جا 65 ورهين جو سڪندر سولنگي، محمد علي سولنگي، آصف علي سولنگي جڏهن ته ٻي ڌر مان احمد علي سولنگي، حبيب الله سولنگي، محمد نواز سولنگي زخمي ٿي پيا.زخمين مان 65 ورهين جي سڪندر سولنگي جي حالت گنڀير جوڳي هجڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ اسپتال رفر ڪيو ويو جتي هو زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي نه ئي جوابدار گرفتار ٿي سگهيا آهن.

بقايا 30 ***

۽ سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ جي سخت مذمت ڪري ٿي منزا حسن جو چوڻ آهي ته جيڪو ٿيو غلط ٿيو جيڪو نه ٿيڻ گهرجي ها، اسان کي سمورن ادارن جو احترام ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ محب وطن پاڪستاني جي حيثيت سان مونکي پنهنجي فوج تي فخر آهي، جيڪو ڪجهه ملڪ ۽ ادارن کي نقصان پهچائي اهو افسوسناڪ آهي هن جو اهو به چوڻ آهي ته هڪ پاڪستاني جي حيثيت سان رياست جي بقا اسان جو فرض آهي، مان پاڻ کي تحريڪ انصاف کان ڌار ڪريان ٿي.

بقايا 31 ***

گذريل 10 ڏينهن اڳ مبينا شڪي جوابدارن جي عيوضي ۾ کنئي گرڪيل 8 مهينن جي ڳورهاري گهر واري جي بازيابي لا حاجانا برادري جو معصوم ٻارڙن سميت سياسي سماجي ڌرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي علامتي بک هڙتال ڪندي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي محمد صالح حاجانو غلام رسول حاجانو ايس يو پي اڳواڻ علي نواز ڪنير يوسف عمراڻي جسقم اڳواڻ گلشير ڪوسو ايس ٽي پي اڳواڻ گلزار ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نواب شاهه سي آءِ اي پوليس 10 ڏينهن اڳ مانجهند ۾ آڌي رات جو شير محمد حاجانو جي گهر تي چڙهائي ڪندي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سندس غير موجودگي ۾ 8 مهينن جي ڳورهاري گهرواري حسنا حاجانو کي کنئي گرڪري ڇڏيو جنهن جي خبر پئي آهي ته ڪيس نواب شاهه سي آءِ اي پوليس گرڪري ڇڏيو آهي کين ڪا ب ملاقات نٿي ڪرائي وڃي جڏهن ته عورت جي آزادي لاءِ 3 لک روپيا پڻ گهر ڪئي وئي آهي جنهن خلاف عدالت ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪرائي آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور عورت کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 32 ***

هٿياربندن قاتلاڻو حملو ڪيو آهي. جان محمد مهر آفيس مان گهر وڃي رهيو هو ته مڪي مسجد لڳ مٿس موٽرسائيڪل سوار ٻن ڄڻن حملو ڪيو. کيس حرا اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي هن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو. حوالي ڪيو ان کان اڳ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ڪنڌ، هٿ ۽ اک لڳ گوليون لڳل آهن. ساهه جي رڳ لڳ ڪنڌ ۾ لڳل گولي سبب جسم اندر رت بند ناهي ٿي سگهيو جنهن سبب سندس حياتي کي خطرو آهي. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺندي جوابدارن جي گرفتاري جو حڪم ڏنو آهي. جان محمد مهر جي سئوٽ شيراز مهر جو چوڻ آهي ته مهر برادري جي ماڻهن سان زمين تي تڪرار هلندڙ هو ۽ انهن جان محمد مهر کي هٿ ڪرڻ جون ڌمڪيون به ڏنيون هيون. چونڊيل نمائندا، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي سکر، صحافي، سائٽ ۽ عام ماڻهو وڏي انگ ۾ اسپتال پهتل آهن.

بقايا 33 ***

ڏنو مهيسر، آئي ايل ايف اڳواڻ ايڊووڪيٽ ظهور محمود، ايڊووڪيٽ عبدالوهاب بلوچ، ايڊووڪيٽ جليل احمد مروت، ايڊووڪيٽ ناصر يوسف، ايڊووڪيٽ فياض سمو ۽ ٻين وڪيلن شرڪت ڪئي. پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ايڊووڪيٽ علي پلڙ چيو ته جشن آزادي جو ڏهاڙو هر پاڪستاني عيد وانگر ملهائيندو آهي پي ٽي آئي پوري سنڌ ۾ 14 آگسٽ جو ڏهاڙي جوش جذبي سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي مگر ڪجهه قوتون اسان کي جشن آزادي ملهائڻ کان روڪي رهيون آهن ڇا اسان پاڪستاني ناهيون. جشن آزادي ملهائڻ جو تياريون سموري سنڌ ۾ جاري آهن اگر اسان کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ته عدالت سان رجوع ڪنداسين. جشن آزادي جون تياريون ڪرڻ تي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، جيمس آباد ۾ پي ٽي آئي اڳواڻ کي گرفتار ڪري ڪوڙيون ايف آئي آرون داخل ڪيو ويون جنهن جي سخت مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف دنيا جي 8 هين نمبر تي وڏي ۾ وڏي ۽ پاڪستان ۾ پهرين نمبر تي وفاقي جماعت آهي باقي پارٽيون کي صوبائي سطح تائين نه کي ريجنل سطح تائين محدود ٿي ويو آهن تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان آهي جنهن کي پوري دنيا تسليم ڪري جنهن کي ڪوڙي توشا خاني جي ڪيس ۾ بغير دفاع جي حق ڏيڻ جي سزا ڏني وئي آهي عمران خان کي اڊيالا جيل اماڻ بجائي اٽڪ جيل ۾ اماڻي ازيتون ڏنيون پيون وڃن جنهن جي سخت مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته رويو اينڊ آرڊ جي جي ايڪٽ کي قلعدم قرار ڏيڻ جي آجيان ڪيون ٿا هڪ فرضي پارليمينٽ جي ذريعي چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ جا پاور کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. آئي ايل ايف اڳواڻ ظهور محمود چيو ته جيل ۾ عمران خان سان زيادتيون ٿي رهيون جيڪي جيل رولز جي خلاف آهن پاڪستان جي عوام موجوده نظام مان بيزار اچي چڪي آهي رولز آف لاءِ ڪٿي نظر نٿو اچي، ايڊووڪيٽ وهاب بلوچ چيو ته اسان کي ڪنهن به اداري سان ڪو شڪوه ناهي پر اسانجي پارٽي ۽ چيئرمين عمران خان سان جيڪي زيادتيون ٿي رهيون آهن ان جي مذمت ڪريون ٿا. ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ رحمان ڏنو مهيسر چيو ته پاڪستان جي ڪنهن به پارٽي سان اهڙو سلوڪ نه ڪيو ويو هو جهڙو هن وقت سان جي پارٽي سان ڪيو پيو وڃي انصاف هائوس ڪراچي جي مين شاهراه تي قائم آهي عدالت جي حڪم باوجود اسان کي پنهنجي گهر ۾ وڃڻ جي اجازت نه ڏني وئي ملڪ ۾ قانون جي پائماني ٿي رهي آهي اسان جو جيڪو قانوني آهي ان حق کان اسان کي روڪيو پيو وڃي ڪوڙيون ايف آئي آرز ڪٽيون پيون وڃن وقت هميشه هڪ جهڙو ناهي رهندو.

بقايا 34 ***

حوالي سان پنهنجي هڪ بيان ۾ شيخ رشيد چيو آهي ته پوليس گهر مان قيمتي سامان، ڊرائيور ۽ ملازم کڻي ويا. شيخ رشيد چيو ته پوليس لال حويلي مان ڪيمرا، ليپ ٽاپ ۽ موبائيل فون به کڻي ويا. هن چيو ته مون تي 3 آپگهاتي حملا ٿي چڪا آهن. هاڻي جيڪڏهن ڪو دهشتگردي جو واقعو ٿيو ته ذميوار موجوده حڪمران هوندا. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه چيو ته لال حويلي ۾ 50 سالن کان آزادي واري ڏهاڙي تي تقريبون منعقد ٿي رهيون آهن. پوليس لائوڊ اسپيڪرز، آتش بازي ۽ اسٽيج کڻي ويا، آتشبازي ڪٿي ٿيندي؟ شيخ رشيد چيو ته پاڪستان جي شهيدن، غازين ۽ معمارن کي سلام پيش ڪريون ٿا. عوام تيار آهي. يوم آزادي جي ريلي راجا بازار، ڪميٽي چوڪ يا چاندني چوڪ تي ٿي سگهي ٿي. هر 3 ڪلاڪن بعد وڊيو پيغام جاري ڪيو ويندو.هن وڌيڪ چيو ته هو سياسي جلسو نه پر جشن آزادي جو جلسو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي ته مون سان ڳالهايو. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ نه کڻڻ گهرجي.

بقايا 35 ***

ادا ڪريان ٿو جنهن مشاورت ۾ مدد ڪئي. شهباز شريف چيو ته انوارالحق ڪاڪڙ پڙهيل لکيل ۽ محب وطن شخص آهي. سمورين پارٽين جي طرفان انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي تي ڀروسو اسان جي صحيح چونڊ جي نشاني آهي. اميد آهي ته انوارالحق ڪاڪڙ ملڪ ۾ شفاف، آزاد ۽ اٿڙيون چونڊون يقيني بنائيندو شهباز شريف وڌيڪ چيو ته 16 مهينن دوران اسان ملڪ کي جنهن معاشي استحڪام سان نوازيو اميد آهي ته اڳتي به ان جو سلسلو جاري رهندو. ترقي، تعمير ۽ معاشي بهتري جو تسلسل يقيني بنائڻ پاڪستان ۽ عوام جي بهتري لاءِ ضروري آهي. شهباز شريف چيو ته دعاگو آهيون ته نگران وزيراعظم ۽ ان جي ڪابينه عوام ۽ آئين جي اميدن تي پورو لهي. ياد رهي ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ راجا رياض نگران وزيراعظم جي لاءِ بلوچستان عوامي پارٽي جي اڳواڻ انوارالحق ڪاڪڙ جو نالو منظور ڪيو جنهن جي صدر عارف علوي به منظوري ڏئي ڇڏي آهي انوارالحق ڪاڪڙ 14 آگسٽ تي نگران وزيراعظم واري عهدي جو حلف کڻندو.

بقايا 36 ***

حوالي سان پنهنجي هڪ بيان ۾ شيخ رشيد چيو آهي ته پوليس گهر مان قيمتي سامان، ڊرائيور ۽ ملازم کڻي ويا. شيخ رشيد چيو ته پوليس لال حويلي مان ڪيمرا، ليپ ٽاپ ۽ موبائيل فون به کڻي ويا. هن چيو ته مون تي 3 آپگهاتي حملا ٿي چڪا آهن. هاڻي جيڪڏهن ڪو دهشتگردي جو واقعو ٿيو ته ذميوار موجوده حڪمران هوندا. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه چيو ته لال حويلي ۾ 50 سالن کان آزادي واري ڏهاڙي تي تقريبون منعقد ٿي رهيون آهن. پوليس لائوڊ اسپيڪرز، آتش بازي ۽ اسٽيج کڻي ويا، آتشبازي ڪٿي ٿيندي؟ شيخ رشيد چيو ته پاڪستان جي شهيدن، غازين ۽ معمارن کي سلام پيش ڪريون ٿا. عوام تيار آهي. يوم آزادي جي ريلي راجا بازار، ڪميٽي چوڪ يا چاندني چوڪ تي ٿي سگهي ٿي. هر 3 ڪلاڪن بعد وڊيو پيغام جاري ڪيو ويندو.هن وڌيڪ چيو ته هو سياسي جلسو نه پر جشن آزادي جو جلسو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي ته مون سان ڳالهايو. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ نه کڻڻ گهرجي.

بقايا 37 ***

۾ 12 ۽ 13 آگسٽ جي رات دهشتگردن جي ڳجهي موجودگي واري اطلاع تي آپريشن ڪيو آءِ ايس پي آر موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 4 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته هڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي وارين ڪاروائين ۾ ملوث هئا. دهشتگرد بي گناهه شهرين جي قتل ۽ خودڪش ڌماڪن ۾ به سرگرم هئا. دهشتگردن وٽان خودڪش جيڪٽ سميت هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ آيو آهي آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 24 ورهين جو سپاهي محمد شعيب به شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي پاڪ فوج پاڪستان مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 38 ***

الادين پارڪ ويجهو روڪي ته موٽرسائيڪل ٻن جوابدارن موبائيل، ٻتون ڦر ڪيو ۽ فرار ٿي ويا. ٻئي پاسي شهر جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ سبب 2 ڄڻا فوت ۽ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا.

بقايا 39 ***

انوارالحق ڪاڪڙ جي مقرري مان ثابت ٿئي ٿو ته مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي جي خواهش پوري نه ٿي. جيڪڏهن اهو معاملو اليڪشن ڪميشن وٽ وڃي ها تڏهن به ساڳيو نالو سامهون اچي ها. اڳوڻي اپوزيشن اڳواڻ راجا رياض کي تنقيد جو نشانو بنائيندي شاهه محمود قريشي چيو ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته ملڪ جا اهم فيصلا راجا رياض ڪندو؟ هن چيو ته اسان اميد رکون ٿا ته انوارالحق ڪاڪڙ پي ڊي ايم جهڙو ايمر رويو نه رکندو ملڪ ۾ آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرايون وينديون. شاهه محمود قريشي وڌيڪ چيو ته اسان جو ڪنهن به اداري سان ڪوبه جهيڙو نه آهي. اسان کي ڏسڻو آهي ته ملڪي مفاد کي ڪهڙي طرح اڳيان وڌائڻو آهي.

بقايا 01 سنڌيار

احتجاج علامتي بک هڙتالي ڪيمپ قائم ريلي ڊرٽو اپ ڊارينڊڙ تعريبازي تفصيل موجب مانجهند مان گذريل 10 ڏينهن اڳ مبينا شڪي جوابدارن جي عيوضي ۾ ڪنهي گر ڪيل 8 مهينن جي ڳوٺهاري گهر واري جي بازيابي لا حاجاڻا برادري جو معصوم ٻارڙن سميت سياسي سماجي ڌرين سان گڏ شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي علامتي بک هڙتال ڪندي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي محمد صالح حاجاڻو غلام رسول حاجاڻو ايس يو پي اڳواڻ علي نواز ڪنير يوسف عمراڻي جسقم اڳواڻ گلشير ڪوسو ايس ٽي پي اڳواڻ گلزار ملاح ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوت نواب شاه سي آءِ اي پوليس 10 ڏينهن اڳ مانجهند ۾ آدي رات جو شير محمد حاجاڻو جي گهر تي چڙهائي ڪندي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سندس غير موجودگي ۾ 8 مهينن جي ڳوٺهاري گهرواري حسنا حاجاڻو کي ڪنهي گر ڪري چڏيو جنهن جي خبر پئي آهي ت ڪيس نواب شاه سي آءِ اي پوليس گر ڪري چڏيو آهي ڪين ڪاب ملاقات نٿي ڪرائي وڃي جڏهن ت عورت جي آزادي لاءِ 3 لک روپيا پڻ گهر ڪئي وئي آهي جنهن خلاف عدالت ۾ بڻ پٽيشن داخل ڪرائي آهي هنن وس وارن ڪان مطالبو ڪيوت فوري طور عورت کي آزاد ڪيو وڃي بي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 02 سنڌيار

ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳوائي ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وڳڻ ، اين سي ايچ ڊي ڊپارٽمينٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محمد صادق عالماڻي ، لاهوتي منيراحمد سيال ، احمد علي ڏاهري ، سليم اختڙپنهور ، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو فنڪار غلام نبي پند عرف اڇوڙو ڪبوتر۽ ٻين ڪئي ان کان اڳ تقريب جو آغاز قرآن شريف ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ضلعي دادو۾ هرسال پوري ملڪ جيان76 وهين جشن پاڪستان 14 آگسٽ يوم آزادي جي ڏهاڙي ڪي شاندار۽ پريورنموني ملهائڻ لاءِ علام آئي آئي قاضي ليبٽريري جي اڳڻ تي هڪ شاندار۽ پروقارتقريب منعقد ڪئي هن تقريب ۾ مهمان خاص ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وڳڻ ۽ اين سي ايچ ڊي ڊپارٽمينٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محمد صادق عالماڻي لاهوتي منيراحمد سيال ، احمد علي ڏاهري يوم جشن آزادي جوڪيڪ ڪاٽيويو۽ پاڪستان جي سلامتي ۽ خوشحالي ۽ ڪشميرجي سلامتي ۽مسلمانن جي جدوجهد جي ڪاميابي لاءِ به اجتماعي دعا گهري وئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي عبدالخالق وڳڻ، محمد صادق عالماڻي ۽ لاهوتي منيراحمد سيال بين چيوت يوم جشن آزادي جي تقريب کي خطاب ڪندي چيوت پاڪستان جوعوام هرفورم تي ڪشميرين جي حمايت جاري رکندو چوت ڪشمير۽ ڪشميرين سان پاڪستان جو رشتومذهبي ۽ جاگرافيائي آهي ڪشميرپاڪستان جي شهرڳ آهي ۽ ڪير۽ پنهنجي شهرڳ دشمن جي قبضي ۾ رهڻ ن ڏيندوآهي ۽ اسان کي آزاد ملڪ ملڻ تي آ سيني کي جشن آزادي مبارڪباد ڏيان ٿو۽ سمورن پاڪستانين کي جشن آزادي جي ڏينهن کي عيد جيان ملهائڻ گهرجي ۽ آزادي جوودۃ ۾ وڌ قدر ڪرڻ ڪهرجي چوت اسان جي بزرگن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون تڏهن ملڪ آزاد ٿيو هنن چيوت اسان جي استادن کي گهرجي ت هو اسڪولن ۾ ٻارڙن کي قائدي اعظم محمد علي جناح جو قوم لاءِ ڏنل پيغام ايمان، اتحاد ۽ پاٿيجاري بابت ت۽ پاڪستان جي تاريخي هيروز جي باري ۾ انهن کي جاڻ ڏين ت جيئن ايندڙ نسلن کي خبرهجي ت اساجي بزرگن ڪيڏيون قربانيون ڏئي ملڪ آزاد ڪرائيو ان لاءِ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هرمڪتب مائهو کي ڪردارادا ڪن هن تقريب ۾ سسٽنٽ ڊائريڪٽرلٽريسي منظور احمد زئنور، فيلڊ آفيسر غلام انور ميربحر، اسدالله ڏاهري، مسرور هاليپوٽو ،سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو ، حبيب الله پنهور،صحافي قربان علي ڪوسو، شفيق احمد پنهور، شاهد علي ڳوپانگ حيدر پنهور، قادر بخش سولنگي، سونو خان پنهور پڻ موجود هئا

بقايا 03 سنڌيار

ت مختلف سرڪاري بلڊنگس ـ بازارن ۽ اسڪولن کي قومي جهنڊن سان سينگاريو ويو آهي سرڪاري عمارتن تي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو آهي انهي سلسلي ۾ پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ ٺٽوجشن آزادي جي موقعي تي ڳوٺ محمد حسن ملاح ۾ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي آهي، پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ جي چيئرمين حاجي محمد حنيف ميمڻ چيو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ت 14 آگسٽ اسان لاءِ انتهائي اهم ڏينهن آهي. مان سيني پاڪستاني پاٺرن کي مبارڪباد ڏيان ٿو هن چيوت پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ ٺٽو پاران ضلعي جي عوام کي مختلف موذي مرضن کان بچائڻ لاءِ پهرين آگسٽ کان سڄي ضلعي ۾ ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون ويون آهن، جنهن ۾ سوين ماڻهن جو مفت علاج ۽ دوائون مفت ڏنيون پيون وڃن

بقايا 04 سنڌيار

محمد اڪرم پنهور کي سندس اباڻي قبرستان ۾ فوجي اعزازن سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو شهيد جي جنازي نماز ۾ ضلعي آفيسرن ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شهيد محمد اڪرم پنهور گذريل ڏينهن ڀيرا اسماعيل خان ۾ دشمن جي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو جنهن جو مڙهه اڄ نوشهروفيروز آندو ويو شهيد محمد اڪرم پنهور 15 سال اڳ پاڪ فوج ۾ سنڌ ريجمينٽ جي ماتحت فوج ۾ شامل ٿيو هو. شهيد سپاهي پنهنجي پويان ٻه پٽ ۽ هڪ بيواهه ڇڏي ويو آهي.

بقايا 05 سنڌيار

اڳواڻن جو تعزيتي ريفرنس کي خطاب. خبر موجب جيڪب آباد شهري اتحاد پاران جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري جي ميزباني هيٺ مقامي شادي هال ۾ شهري اتحاد جي اڳوڻي صدر شهيد محمد اڪرم ابڙو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تعزيتي ريفرنس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي سياسي، سماجي، مذهبي، اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ اڳواڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي جميعت علماء اسلام جو ضلعي امير شهري اتحاد جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري، پيپلز پارٽي جي محمد عمران ابڙو، ايم سي جو وائيس چيئرمين محمد آصف ابڙو، ياسر علي ابڙو، پ ٽ الف جي اڳواڻ انتظار حسين چلگري، ب ب شهيد پٽو جي نور محمد منجهو بي اين پي جي غلام جان مينگل، جي يو پي جي مولانا محمد رفيق فخري، ڪپڙا مارڪيٽ جي گل حسن ٿالاڻي، سٽي فورم جي حماد انصاري، مزدور شهري اتحاد جي حاجي غلام نبي رند، ڊسٽرڪٽ بار جو صدر ايڊووڪيٽ مظفر علي رند، پ پ جي بهادر علي مغيري، سماجي اڳواڻ عبدالحئي سومرو، شيعا اڳواڻ علام مقصود علي ڊومڪي، واپاري اڳواڻ احمد علي بروهي، سنڌ ترقي پسند پارٽي جي عبدالستار جاگيراڻي، صراف يونين جي سميع الله سرهيو نوجوان اڳواڻ انتظار حسين ابڙو، پوج هندو جنرل پنچائت جو لعل چند سيتلاڻي، بابو مهيش لاڪاڻي، سماجي عورت اڳواڻ آپا قمر بانو شهري اتحاد جي حاجي لکمير چاچڙ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي فدا حسين لڪڻ، آل پارٽيز ڪاميٽي جي محمد شعبان ابڙو، عبد محمد ڊومڪي سميت ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي مٿين اڳواڻن چيوت شهيد محمد اڪرم ابڙو هڪ جدوجهد جونالو آهي جنهن هميش شهر جي مفاد جي خاطر پنهنجي مفادن کي قربان ڪندي هميش شهرين جي ڏکي وقت ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي شهرين سان گڏجي جدوجهد ڪندو هوچاهي اهو شهر جي تعليم جو مسئلو هجي، صحت جو اشو هجي، پاڻي فرهمي بابت ڪو اشو هجي شهيد محمد اڪرم ابڙو هميش جدوجهد جي ذريعي پاڻ ملهايو هنن وڌيڪ چيوت شهيد محمد اڪرم ابڙو هميش جيڪب آباد واسين جي دلين ۾ زند رهندو ڪيس ڪيل جدوجهد تي نمي سلام پيش ڪيون ٿا.

بقايا 06 سنڌيار

محمد پرسان خواجا سدا تورا قبرستان پهچي سائين فيض محمد ٽالپر سميت عوامي تحريڪ جي بهادر اڳواڻن مير نور محمد ٽالپر سائينداد خاصخيلي شاهد لطيف خاصخيلي بابو حسين بخش ٽالپر معشوق خاصخيلي جي مزارن تي گلن جون چادرون چاڙهي ڪين سرخ سلام پيش ڪيو ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪوسو ضلعي صدر امير بخش جروار ايڊووڪيٽ غفار ناريجو ماما اشرف رند ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي ڪامريڊ شگن ڪولهي ايڊووڪيٽ ممتازڪوسو پريو مهراج ۽ ٻين چيو ت سائين فيض ملمد ٽالپر عوامي تحريڪ جو سچو سپاهي هو جنهن پارٽي ۾ ڪيترائي نظرياتي ڪارڪن تيار ڪيا فڪر پليجو تي ليڪچرپروگرام ڪيا سنڌ ۾ سماجي اڻبرابري طبقاتي نظام خلاف پرپور جدوجهد ڪئي سنڌ ۾ پليجو صاحب جي پورهيت انقلابي نظرئي جي پرپور پرچار ڪئي نوان روشن خيال پورهيت ڪارڪن تيار ڪيا سنڌ ۾ هن وقت ظلم ڏاڍ ۽ جبر خلاف جيڪا مزاحمت نظراچي ٿي ان جدوجهد جا هيرا فيض محمد ٽالپر جهڙا امل ڪردار آهن هنن چيو ت اهڙا ماڻهون مرنا ناهن. انهن جي جدوجهد صدين تائين جاري رهندي. پورهيت انقلاب ضرور ايندو هنن چيو ت زرداري مافيا سنڌ وڪرو ڪري ڇڏي آهي. سنڌ جا وسيلا ڌارين حوالي آهن. عوام دربدري واري زندگي بسر ڪري رهيو آهي. وڏيرا شاهي ڪامورا شاهي پاڻ ۾ اتحاد ڪري مظلوم ماڻهن جي زمينن ڳوٺن قبرستانن تي قبضا ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي وطن ۾ بي گهر ڪري رهيا آهن. سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪري ڪرسي ورتي آهي هنن چيو ت عوامي تحريڪ ان ظلم ڏاڍ خلاف جدوجهد جاري رکندي.

بقايا 07 سنڌيار

ڪيو ويو آهي جينهن جي اسٽاف پاران خوشي جو اظهار ڪيو ويو اسٽاف جي عبدالقيوم ابڙو ماجد علي ڪوسو شڪيل احمد نوناري ،رحيم بخش جتوئي۽ منور شيخ پاران مبارڪ ❋ گلن جا هار پارايا ۽ اميد ظاهر ڪئي ت ريجنل مينيجر صاحب اسٽاف جا جيڪي به مسئلا هوندا انهن کي حل ڪندو ان موقعي تي ريجنل مينيجر مولا بخش مغل گلن جي هار پارائڻ تي اسٽاف جا ٿورا مڃيا ۽ انهن کي يقين ڏياريو ت اسٽاف جي جيڪي به مسئلا هوندا ت اڳ۾ انهن کي حل ڪرائيندو هن چيو ت اداري کي منافي ۾ آڻبو ت اسان سيني جي لاءِ بهتر آهي هن وڌيڪ چيو ت ريجن جي سيني اسٽاف وارن کي چوان ٿو ت منهنجا دروازا هر ڪم ڪار جي واسطي کليل آهن جيڪو به اچي ت ان جو تدارڪ ڪيو ويندو

بقايا 08 سنڌيار

صرف علائقي جي زراعت متاثر ٿي آهي ۾ جر پڻ ڪارا ٿي ويا آهن جر جو زهريلو پاڻي واپرائڻ سبب ماڻهون مختلف وبائي بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهن هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ت نوٽيس وٺي پنا شاخ جي ڪاٽي ڏياري شاخ ۾ چوڙ ٿيندڙ گندي پاڻي جو نيڪال بند ڪرائي شاخ ۾ زرعي پاڻي ڏئي علائقي جي زراعت کي هٿي وٺرائڻ سميت علائقي ۾ گندگي سبب وبائي بيمارين جي پکيڙ کي روڪيو وڃي

بقايا 09 سنڌيار

هائوس گهارو KDA نالي ويجهو ڪامياب ڪاروائي ڪري هڪ منشيات فروش معشوق، علي ولد مانيٽو خان رند کي 1200 سئو گرام چرس هٿ ڪري نامعلوم ٽرڪ ڊرائيور ۽ گرفتار منشيات فروش خلاف گهارو ٿاڻي تي گنگا ايڪٽ ۽ نارڪو ٽڪس ايڪٽ تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جانچ جاري ڪري ڇڏي آهي، صحافين سان ڳالهائيندي SHO گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي چيو ت ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروايون جاري آهن. جيڪي ڪيترا به باآثر چوڻ هجن پر هو قانون کان ڪڏهن به بچي ڪونه سگهندا.

بقايا 10 سنڌيار

۽ علاج سميت مفت پلاسٽڪ سرجري ڪئمپ 25 ۽ 26 آگسٽ 2023 تي سول اسپتال دادو ۾ لڳائي پئي وڃي جنهن ۾ مشهور پلاسٽڪ سرجري ڪندڙ پروفيسر محمد اشرف ۽ سندس ٽيم مريضن جو آپريشن ڪندا.

بقايا 11 سنڌيار

جي نينگر محمد علي جروار پٽ صاحب ڏنو جروار کي علاج لاءِ پهرين ڳوڙهي خدابخش پٽو اسپتال آندو ويوجنان ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو ڊاڪٽرن موجب ڊائير جسم تي ڪرڻ ڪري نينگر جو جسم 40 سيڪڙو سڙي ويو آهي جنهن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن.

بقايا 12 سنڌيار

ٻارڙن سان گڏ پنهنجي مڙس جي پيٽيوي معشوق علي ولد محمد پناه بجيراڻي چانديو خلاف پريس ڪانفرنس منهنجي مڙس جي فوت ٿيڻ کانپو۽ باآثر معشوق بجيراڻي اسان جي زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي اسان وجڻون ٿا ت بندوڪ ڪئي ڌمڪيون پيو ڏي الزام مان بيواه آهيان معصوم ٻار آهن منهنجي ڪير به ن پيو ٻڌي خدا واسطي منهنجي مدد ڪئي وڃي هنن آيس ايس پي قمبر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو آءِ جي سنڌ، ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ت نوٽيس وٺي معشوق بجيراڻي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري منهنجي مڙس جي زمين مونکي ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 13 سنڌيار

حصي ۾ ڦاسي پئي آهي جنهن ڪري سندس حالت وڌيڪ نازڪ ٿيندي پئي وڃي. هوڏانهن واقعي جو سرڪار پاران نٿون ديرو ٿاڻي تي اي ايس آءِ عبدالقيوم جروار جي فرياد تي دهشتگردي ايڪٽ تحت گناه نمبر 72/2023 ع قلم 402، 399، 324، 353، 148، 149 پي پي سي ۽ 6/7 اي ٽي اي تحت 5 نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ چاڻايو ويو آهي ت اسان کي اطلاع مليو ت 5 هٿيار بند ڦورو جيڪي رتوديرو کان نٿون ديرو طرف ڏوهه جي ارادي سان اچي رهيا آهن ت ميرواهه پل وٽ هٿيار بندن پوليس کي ڏسي پسٽل سان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ هڪ گولي پوليس اهلڪار وسيم جروار کي لڳڻ ڪري هو زخمي ٿي پيو ۽ ڦورو فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. هوڏانهن پوليس واقعي بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڪاروايون تيزڪندي 4 کان وڌيڪ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري انجاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي جن کان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 14 سنڌيار

راڄپر، جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ مسرور چانڊيو، مزدور اڳواڻ خادم حسين مري، مرحوم قاسم اسراڻ جي پٽ ثقلين قاسم اسراڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو اڳواڻن چيو ت محمد قاسم اسراڻ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هيو هو هڪ ئي وقت هو صحافي، ليکڪ، اديب، سماج سڌارڪ ۽ سياسي اڳواڻ پڻ هيو قاسم اسراڻ ڪڏهن به ن ٿڪجندڙ مسلسل جدوجهد ۽ جدوجهد جو قائل هو هن جي سياسي سوچ سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هئي قاسم اسراڻ سادو سودو انسان ضرور هو پر نظرياتي حوالي سان متحرڪ سماج واڳ ۽ زيرڪ انسان هيو هن جو ڇڏيل خال صحافت جي دنيا ۾ پرڻ مشڪل آهي هن موقعي مٿين کان علاوه خادم سيال، عطا حسين سمون، پٺاڻ بوهيو ارشاد عباسي، سهيل راڄپر ۽ اظفر شاه پڻ ڪيس لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ گل بهار مري محرم چن قومي گيت ڳائي محفل کي ڳڳائي ڇڏيو

بقايا 15 سنڌيار

وڌي ويا، واپارين يوريا پاڻ جي اگهن ۾ وڏي واڌ ڪري ڇڏي آهي، انهي سلسلي ۾ يوريا پاڻ جي في بوري جي قيمت 2440 جي لڳ ڀڳ مان وڌي 4000 روپيين ڪان به مٿي ٿي ويئي آهي، يوريا پاڻ جي قيمت ۾ اوچتو اضافو ٿيڻ ڪري آبادگارن کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو آهي، صحافين سان ڳالهائيندي آبادگارن ۽ ٻين چيو آهي ت زراعت کاتي ۽ لاڳاپيل انتظاميا جي عدم دلچسپي سبب واپاري پاڻ جا من پسند اگهه وٺي رهيا آهن. هنن چيو ت حڪومت پاران پاڻ جي قيمت 2440 روپيا جي لڳ ڀڳ مقرر آهي تنهن باوجود مقامي واپاري بليڪ مارڪيٽنگ ڪندي في بوري تي هزارين روپيا وڌيڪ اوڳاڙي رهيا آهن. هنن چيو ت پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ سبب آبادگار سخت متاثر ٿي رهيو آهي، اڳ ئي پاڻي جي ڪوٽ، موسمي تبديلي، آن منداڻي برسات سبب آبادگار پريشاني جو شڪار آهن مٿان وري پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ آبادگارن جي چيله پچي ڇڏي آهي، هنن چيو ت حڪومت پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ختم ڪرائي پاڻ جي مقرر سرڪاري اگهه تي عمل ڪرايو وڃي

بقايا 16 سنڌيار

جي حد ڳوٺ بلاول ڪانڌڙو پرسان پٽڻي مائينر جي ڪپ تان 3 ٽي نامعلوم ڦورن فقير امان الله ڪانڌڙو کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري رهيا هئا ت ڳوٺاڻي ڌانهون ڪيون جنهن بعد پرپاسي وارن ڳوٺن مان ڳوٺاڻا هٿيارن سميت پهچي ويا جن ڦورن کي ڊوڙائي ڊوڙائي پڪڙي پهريان پنهنجي ڪاروائي ڪندي ڏنڊن جو ڪٽڪو ڏنو جنهن بعد پڪڙيل ڦورن کي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي پوليس موجب ت جاچ جاري آهي ڏوهاري مختلف نالا ٻڌائي رهيا آهن.

بقايا 17 سنڌيار

الدين سولنگي ۾ ڪتروراي مشين جي موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 16 ورهن جي نينگري عذرا عرف نشل خاتون کي ڪرنٽ لڳو جيڪا زخمي ٿي پئي جنهن کي ڳٽئي جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن نينگري جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 18 سنڌيار

چيو ت ڳوٺ ڪوڏو ڪلوئي ۾ ڪلوئي ذات جي ٻن ڌرين ۾ سرڪاري پڊي واري زمين تي تڪرار هلندڙ آهي. جنهن ۾ ٻوڙهو ڪلوئي واري ڌر جو رسول بخش ڪلوئي واري ڌر تي ٽنڊوباگو ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل آهي. جنهن ۾ ڪل ٽنڊوباگو پوليس رسول بخش ڪلوئي کي گرفتار ڪيو آهي. جنهن ڳالهه تان مجرجي رسول بخش ڪلوئي جي عورتن اڄ رات ڊرامو ڪري پريس ڪلب تي اچي منهنجي خلاف الزام تراشي ڪري منهنجي ڪردار ڪشي ڪئي آهي. اٿون ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪندي گهر ٿي ڪريان ت هن معاملي جي انڪوائري ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي. اٿون هڪ عزتدار ڪائونسلر آهيان جنهن ڪري مون کي بنا جواز جي تنگ ڪندڙ ماڻهن تي ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 19 سنڌيار

ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، عوامي تحريڪ تعلقه وارهه جي آرگنائيزر مجيب چانڊيو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ حميد انقلابي، سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي آرگنائيزر آفتاب همت، اياز جمال، محبوب راهوجو محسن اياز، شيراز چانڊيو حامد چانڊيو ۽ ٻين چيو ت فوري طور تي ڪارونجهر جي ڪٽائي بند ڪئي وڃي، ڪوهستان جي مقامي ڳوٺن کي رجسٽرڊ ڪري مالڪاڻا حق ڏنا وڃن، پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ختم ڪئي وڃي. اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ت ڊجيٽل آدمشماري ۾ وانا، وزيرستان ۽ افغانستان جي ماڻهن کي ب سنڌ جو شهري ڳڻيو ويو آهي، ڊجيٽل آدمشماري ملڪ توڙڻ جي سازش جو حصو آهي. هن آدمشماري ذريعي ملڪ دشمن قوتن ملڪي سالميت تي حملو ڪيو آهي، سنڌ ۾ ڌارين جي لوڏ آئي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ت ڪجهي، ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر بر سميت سموري سنڌ قبضاگيرن جي حملي هيٺ آهي، روينيو کاتي کي جعلسازي ذريعي زمينون قبضاگيرن حوالي ڪرڻ جو حڪم مليل آهي، سالن کان آباد ڳوٺن جا رڪارڊ جعلسازي ڪري روينيو وارا اهي ڳوٺ پرڏيهي قبضاگيرن جي حوالي ڪري رهيا آهن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ت سنڌ حڪومت ڪارونجهر، ڪيرٿر ۽ گنجي ٽڪر سميت سمورا ثقافتي ۽ سياحتي ماڳ وڪڻي سنڌي قوم کي ميسارڻ چاهي ٿي. سنڌ جي سونهن ڪارونجهر، ڪيرٿر نيشنل پارڪ کي قومي ورثو قرار ڏنو وڃي ڪاري جبل جي ڪٽائي روڪي وڃي ۽ ساحلي پٽي جي واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي ن ت بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 20 سنڌيار

غبن ڪرڻ ۾ مشغول آهي ۽ علائقي ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ آيل ڪروڙين رپين جون گهوبيون هٽي رهيو آهي اگر وقت تي هن خلاف ڪارروائي ن ڪئي وئي ت ضلعي جا ڪروڙين رپيا ٻڏي ويندا نيڪيدار نجيب رضا بگهيو وڌيڪ چيو ت جولائي مهيني ۾ حقنواز مگسي ٽيڪني طريقي سان ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي ڊويزن اسڪيمن لاءِ آيل 30 ڪروڙ رپيا واري رقم هڙپ ڪئي آهي ان جي جانچ پڙتال ڪئي وڃي هن چيو ت مونکي پڻ بليڪ ميل ڪري رهيو آهي ت اسڪيم لاءِ آيل رقم مان حصو پتي ڏيو باقي روڊ رستا ڪاغذن ۾ اسان پاڻ تيار ڪنداسين پر مون مان انڪار ڪيو ت حصو پتي ن ڏيندس چو ت مونکي اسڪيمون مڪمل ڪرڻون آهن جنهن تي ڪلارڪ صاحب مون مٿان ڌمڙجي پيو آهي ۽ منهنجا ڪروڙين رپين جا چيڪ روڪي ڇڏيا آهن هن اينٽي ڪرپشن ڪاتي ۽ نيب چيئرمين کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيو ت ضلعي نوشهرو فيروز ۾ هاءِ وي جي هلندڙ ترقياتي اسڪيمن لاءِ آيل ڪروڙين رپين جي بجيت هڙپ ڪندڙ ڪلارڪ ڪان ڪاروائي ڪئي وڃي نيب خرد برد جو ڪيس داخل ڪري ڪانٽس پڇيو وڃي ت ڪک پتي مان لک پتي ڪيئن بڻيو

بقايا 21 سنڌيار

ڪي اريبي وٺي ۽ مهمان خاص سنڌي ادبي سنگت ضلع نوشهرو جو رابطا سيڪريٽري اير ظفر نگڙ، سينئر شاعر، اديب ۽ ليکڪ جبار ملاح ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ جام محبت علي سهتو هئا. جڏهن ت اعزازي مهمان سينئر شاعر ،اديب ۽ ليکڪ خالد راڄپر، نيشنل بئنڪ محراب پور جو مئنيجر نواز پٽي، ناميارو تعليمي ماهر عبدالسميع پنهور هئا، اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض غفار عباسي سر انجام ڏنا، استاد اڪبر خواج آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو پروگرام ۾ آيل مهمانن خطاب ڪندي چيو ت عاجز امتياز نوح پوٽو سڌو سادو سچو کرو ۽ فقير صفت انسان آهي پاڻ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي صلاحيتن جهڙوڪ شاعر، اديب، ليکڪ ،صحافي ۽ سوشل ورڪر جهڙين خوبين جو مالڪ آهي، سندس لازوال ادبي، صحافتي وغيره خدمتون سرانجام ڏنل آهن. عاجز امتياز نوح پوٽو پا اخلاق، باڪردار، مهمان نواز ۽ محنتي ماڻهو هجڻ سان گڏوگڏ حساس دل يارن جو يار آهي، سندس شاعري۾ محبوب لاءِ پيار، محبت، سک ۽ خلوص نظر اچي ٿو ۽ ڏک، درد، پيڙا جي جهلڪ به ڏسڻ ۾ اچي ٿي ت وري سندس لکڻين ۾ هن ديس جي دلالن کي للڪار ۽ سنڌ ڌرتي ۽ مٿان وقت جي ظالمن جي ڪيل ظلمن خلاف قلم جي جهاد جي جنگ جوٽڻ جا عڪس به محسوس ٿيڻ ٿا، ڪيس علمي ادبي ۽ صحافتي خدمتن عيوض ڪيترائي مجتا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليل آهن. پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي نديم انڙ، بچل هنگورو پڻ عاجز امتياز نوح پوٽو جي فن فڪر ۽ شخصيت تي پنهنجا ويچار ونڊيا. غفور سحر ۽ عزيز پند ترنم ۾ شاعري پڙهي پروگرام کي چار چند لڳائي ڇڏيا، پروگرام ۾ دودل نوح پوٽو پرويز حسين پند، قاضي ساگر، عبدالرزاق لاشاري، مجاهد سامتيو، محمد ادريس نوح پوٽو سميع الله ميمڻ، مختيار احمد راڄپر، علي شير سومرو سميت ٻين سياسي سماجي اڳواڻن. شاعرن، اديبن، صحافين ۽ فنڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 22 سنڌيار

تي ٻوٽا پوکيو مهم هلائي وڃي، اهڙو اظهارسنڌ ڪلائيميٽ ايڪشن نيٽورڪ (اسڪين) پاران سکر ۾ ڪوئابل ورڪشاپ ۾ ڪيو ويو هن ورڪشاپ جو مقصد ماحولياتي تبديلي تي مهم هلائڻ ۾ خال ۽ اپاءَ وٺڻ هو ايس پي او پاران اين ايچ اين، انبس ڪنسورشيم، ايس ڊي پي آءِ ۽ آڪسفيم جي سهڪار سان سکر پريس ڪلب ۾ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي، ورڪشاپ ۾ شريڪ ڳوٺ سينگار فائونڊيشن جي سي اي او نظير اڄڻ خطاب ڪندي چيو سائنسي زندگي کان نڪري اسانکي قدرتي زندگي ۾ داخل ٿيڻو پوندو، قدرتي شيون ۽ ماحول کي سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي، اسان کي وڻن جي پوکائي تي وڌيڪ زور ڏيڻ گهرجي، انهن شين جو استعمال گهٽائڻ جنهن سان وڻن جي ڪٽائي ٿي رهي آهي ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسن وٿ ڊسيبلٽيز جي ڊسٽرڪٽ آفيسر آغا وحيد خان چيو ت ماحولياتي تبديلي ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر معذور ماڻهو ٿيندا آهن اسانکي گهرجي تي انهن کي ماحولياتي تبديلي جي اثرن کا محفوظ بڻائي سگهجي. ان موقعي تي وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي ڊسٽرڪٽ آفيسر عبدالغفار ٿهيم جو چوڻ هو ت ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ عورتن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ت جيئن اهي رڌ پچاء ۾ ڪاٺين جو استعمال گهٽائڻ. جڏهن ت پهل پاڪستان جي بشير احمد وسير جو چوڻ هو ت سول سوسائٽي ۽ حڪومتي ادارن کي گهرجي ت هو سيڪٽوريل ۽ ڪلائيميٽ چينج پاليسي تي عمل ڪرائڻ سندن جي بجيت توڙي عملدرآمد ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

بقايا 23 سنڌيار

پرائمري استاد آهي ڪجهه سال اڳ اسان کان سرڪاري نوڪري ڏيڻ لاءِ 3 لک پنجاه هزار ورتا هئا جيڪي آرڊر جعلي هئا اسان پنهنجي ميگهواڙ برادري جي مکين کي پڻ ڌانهن ڏني آهي ڪو به ڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن موجب استاد بابو ميگهواڙ اسان کي پهرين اسڪيل جا آرڊر ڏنا آهن جيڪي اسان وٽ موجود آهن هنن موجب استاد بابو ميگهواڙ اسان سان واعدو ڪيو هو جيئين ئي نوڪريون هلنديون اوهان کي آرڊر بيهر ڏيندس هائي نوڪريون به هليون آهن اسان کي آرڊر ناهن مليا استاد بابو ميگهواڙ اسان سان ملڻ لاءِ تيار ناهي هنن سابق ايم اين اي ميڊم نفيسا شاه کان مطالبو ڪيو ت نوٽيس وٺي سرڪاري نوڪري ڏني وڃي يا استاد بابو ميگهواڙ کان پئسا واپس وٺي ڏنا وڃن هوڏانهن استاد بابو ميگهواڙ سان موقف وٺڻ لاءِ رابطو ڪيو ويو جنهن چيو ڪ آهي موقف بعد ۾ ڏيندس



بقايا 24 سنڌيار

پاران اسد چنو انيس سهتو واحد ڪلهوڙو نظير آگرو غلام نبي ڪلوجي اڳوائي ۾ مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هيو ت سيپڪو ڪنديارو محلي واسين جو جٿين جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڪهر جهڙي گرمي ۾ سندن محلي جو ڏيڊ مهيني کان ٽرانسفارمر سڙيل آهي جنهن ڪري محلي واسي سخت تڪليفن کي مونهن ڏئي رهيا آهن ٽرانسفارمر تبديل ڪرڻ لاءِ رشوت طلب ڪري رهيو آهي ن ڏيڻ جي صورت ۾ ٽرانسفارمر تبديل ت ٿيو ڪيو وڃي هنن الزام هڻندي چيو ت ٽرانسفارمر ن هجڻ ڪري سندن گهرن پئڻ لاءِ پاڻي توڙي مسجدن ۾ نمازين کي سخت تڪليفون پيش اچن ٿيو رات جي وقت ننڍڙا ٻارن کي مڇرن سبب مليريا ۾ مبتلا ٿي ويا آهن مظاهرين جو چوڻ هيو ت سيپڪو ڪنديارو عملدار سائن وڏي ناانصافي ڪري رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ت سيپڪو جي چيف سميت اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو ت ناجائزن جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪري ٽرانسفارمر ڏنو وڃي بي صورت ۾ بک هرتال ڪئمپ قائم ڪئي

بقايا 25 سنڌيار

ميڊيڪل ڪئمپ حاجي محمد حنيف ميمڻ جي نگراني ۾ لڳائي ويئي، جنهن ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽرن ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ ۽ ٻين پاران 2 سئو کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس ڪري کين مفت دوائون ڏنيون ويون، جنهن ڪئمپ جو پڻ افتتاح حاجي محمد حنيف ميمڻ پاران ڪيو ويو، جڏهن ت لڳايل ميڊيڪل ٽيم ۾ شامل شاهد سمون، زاهد جوکيو، محمد جمن، محمد اسلم سميت صحافي محمد ايوب ملاح، محمد موسي قمر، زاهد ايوب ملاح، عباس ملاح ۽ ملهار موسي پاران پڻ هن نيڪ ڪم ۾ هٿ ونڊائي مريض جي مدد ڪئي ويئي، ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي هلال احمر پاڪستان ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ حاجي محمد حنيف ميمڻ چيو ت جشن آزادي جي موقعي تي پهرين آگسٽ کان مسلسل ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي مختلف علائقن ۽ ڳوٺن ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي عوام کي ڪهروڻي صحت جون مفت سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن. هن چيو ت جشن ازادي واري ڏيهاڙي تي ڳوٺ لڏو سميجو ۾ پڻ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي عوام جو مفت علاج ڪرائي کين دوائون ڏيڻ سميت پاڪستان جي آزادي جو ڪيڪ ڪاٽي معذور ماڻهن کي ويل چيئر ڏيڻ سان گڏ اسڪولي ٻارڙن ۾ مٺايون تقسيم ڪيون ونڊيون. حاجي محمد حنيف ميمڻ چيو ت هن کان اڳ ۾ برسات توڙي ٻوڏ متاثرين ۾ راشن، مڇردانيون ۽ ٻيو ضرورت جو سامان پڻ تقسيم ڪيو ويو اهي، هن چيو ت 14 آگسٽ پاڪستان جي آزادي جو ڏيهاڙو اهي، جنهن کي هر سال جيان پرپور نموني ملهايو ويندو. هن چيو ت پاڪستان آهي ت اسان آهيون، الله پاڪ اسانجي ملڪ جي حفاظت فرمائي ڪيس سلامت رکي، هن اخر ۾ سيني پاڪستانين کي جشن آزادي جون مبارڪون پڻ ڏنيون. ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ چيو ت هتي 200 سئو وڌيڪ مريضن جي چڪاس ڪري کين دوائون ڏنيون ويون آهن. هن چيو ت هتي چمڙي ۽ خارش جا وڌيڪ مريض آهن، جن جو سبب مريضن پاران صفائي، سٿرائي ن ڪرڻ توڙي گندو پاڻي واپرائڻ آهي، ان ڪري اهڙن مريضن کي صفائي، سٿرائي سميت احتياط ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

بقايا 26 سنڌيار

ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳوائي ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وڳڻ ، اين سي ايچ ڊي ڊپارٽمينٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محمد صادق عالماڻي ، لاهوتي منيراحمد سيال ، احمد علي ڏاهري ، سليم اختڙپنهور ، سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو فنڪار غلام نبي پند عرف اڇوڙو ڪبوتر۽ ٻين ڪئي ان کان اڳ تقريب جو آغاز قرآن شريف ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ضلعي دادو۾ هرسال پوري ملڪ جيان76 وهين جشن پاڪستان 14 آگسٽ يوم آزادي جي ڏهاڙي ڪي شاندار۽ پريورنموني ملهائڻ لاءِ علام آئي آئي قاضي ليبٽريري جي اڳڻ تي هڪ شاندار۽ پروقارتقريب منعقد ڪئي هن تقريب ۾ مهمان خاص ڊي ايس پي سٽي دادو عبدالخالق وڳڻ ۽ اين سي ايچ ڊي ڊپارٽمينٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محمد صادق عالماڻي لاهوتي منيراحمد سيال ، احمد علي ڏاهري يوم جشن آزادي جوڪيڪ ڪاٽيويو۽ پاڪستان جي سلامتي ۽ خوشحالي ۽ ڪشميرجي سلامتي ۽مسلمانن جي جدوجهد جي ڪاميابي لاءِ به اجتماعي دعا گهري وئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي عبدالخالق وڳڻ، محمد صادق عالماڻي ۽ لاهوتي منيراحمد سيال بين چيوت يوم جشن آزادي جي تقريب کي خطاب ڪندي چيوت پاڪستان جوعوام هرفورم تي ڪشميرين جي حمايت جاري رکندو چوت ڪشمير۽ ڪشميرين سان پاڪستان جو رشتومذهبي ۽ جاگرافيائي آهي ڪشميرپاڪستان جي شهرڳ آهي ۽ ڪير۽ پنهنجي شهرڳ دشمن جي قبضي ۾ رهڻ ن ڏيندوآهي ۽ اسان کي آزاد ملڪ ملڻ تي آ سيني کي جشن آزادي مبارڪباد ڏيان ٿو۽ سمورن پاڪستانين کي جشن آزادي جي ڏينهن کي عيد جيان ملهائڻ گهرجي ۽ آزادي جوودۃ ۾ وڌ قدر ڪرڻ ڪهرجي چوت اسان جي بزرگن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون تڏهن ملڪ آزاد ٿيو هنن چيوت اسان جي استادن کي گهرجي ت هو اسڪولن ۾ ٻارڙن کي قائدي اعظم محمد علي جناح جو قوم لاءِ ڏنل پيغام ايمان، اتحاد ۽ پاٿيجاري بابت ت۽ پاڪستان جي تاريخي هيروز جي باري ۾ انهن کي جاڻ ڏين ت جيئن ايندڙ نسلن کي خبرهجي ت اساجي بزرگن ڪيڏيون قربانيون ڏئي ملڪ آزاد ڪرائيو ان لاءِ پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هرمڪتب مائهو کي ڪردارادا ڪن هن تقريب ۾ سسٽنٽ ڊائريڪٽرلٽريسي منظور احمد زئنور، فيلڊ آفيسر غلام انور ميربحر، اسدالله ڏاهري، مسرور هاليپوٽو ،سماجي اڳواڻ محبوب علي سومرو ، حبيب الله پنهور،صحافي قربان علي ڪوسو، شفيق احمد پنهور، شاهد علي ڳوپانگ حيدر پنهور، قادر بخش سولنگي، سونو خان پنهور پڻ موجود هئا

بقايا 27 سنڌيار

محمد پرسان خواجا سدا تورا قبرستان پهچي سائين فيض محمد ٽالپر سميت عوامي تحريڪ جي بهادر اڳواڻن مير نور محمد ٽالپر سائينداد خاصخيلي شاهد لطيف خاصخيلي بابو حسين بخش ٽالپر معشوق خاصخيلي جي مزارن تي گلن جون چادرون چاڙهي ڪين سرخ سلام پيش ڪيو ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪوسو ضلعي صدر امير بخش جروار ايڊووڪيٽ غفار ناريجو ماما اشرف رند ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي ڪامريڊ شگن ڪولهي ايڊووڪيٽ ممتازڪوسو پريو مهراج ۽ ٻين چيو ت سائين فيض ملمد ٽالپر عوامي تحريڪ جو سچو سپاهي هو جنهن پارٽي ۾ ڪيترائي نظرياتي ڪارڪن تيار ڪيا فڪر پليجو تي ليڪچرپروگرام ڪيا سنڌ ۾ سماجي اڻبرابري طبقاتي نظام خلاف پرپور جدوجهد ڪئي سنڌ ۾ پليجو صاحب جي پورهيت انقلابي نظرئي جي پرپور پرچار ڪئي نوان روشن خيال پورهيت ڪارڪن تيار ڪيا سنڌ ۾ هن وقت ظلم ڏاڍ ۽ جبر خلاف جيڪا مزاحمت نظراچي ٿي ان جدوجهد جا هيرا فيض محمد ٽالپر جهڙا امل ڪردار آهن هنن چيو ت اهڙا ماڻهون مرنا ناهن. انهن جي جدوجهد صدين تائين جاري رهندي. پورهيت انقلاب ضرور ايندو هنن چيو ت زرداري مافيا سنڌ وڪرو ڪري ڇڏي آهي. سنڌ جا وسيلا ڌارين حوالي آهن. عوام دربدري واري زندگي بسر ڪري رهيو آهي. وڏيرا شاهي ڪامورا شاهي پاڻ ۾ اتحاد ڪري مظلوم ماڻهن جي زمينن ڳوٺن قبرستانن تي قبضا ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي وطن ۾ بي گهر ڪري رهيا آهن. سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪري ڪرسي ورتي آهي هنن چيو ت عوامي تحريڪ ان ظلم ڏاڍ خلاف جدوجهد جاري رکندي.

بقايا 28 سنڌيار

ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، عوامي تحريڪ تعلقه وارهه جي آرگنائيزر مجيب چانڊيو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ حميد انقلابي، سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي آرگنائيزر آفتاب همت، اياز جمال، محبوب راهوجو محسن اياز، شيراز چانڊيو حامد چانڊيو ۽ ٻين چيو ت فوري طور تي ڪارونجهر جي ڪٽائي بند ڪئي وڃي، ڪوهستان جي مقامي ڳوٺن کي رجسٽرڊ ڪري مالڪاڻا حق ڏنا وڃن، پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ختم ڪئي وڃي. اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ت ڊجيٽل آدمشماري ۾ وانا، وزيرستان ۽ افغانستان جي ماڻهن کي ب سنڌ جو شهري ڳڻيو ويو آهي، ڊجيٽل آدمشماري ملڪ توڙڻ جي سازش جو حصو آهي. هن آدمشماري ذريعي ملڪ دشمن قوتن ملڪي سالميت تي حملو ڪيو آهي، سنڌ ۾ ڌارين جي لوڏ آئي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ت ڪجهي، ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر بر سميت سموري سنڌ قبضاگيرن جي حملي هيٺ آهي، روينيو کاتي کي جعلسازي ذريعي زمينون قبضاگيرن حوالي ڪرڻ جو حڪم مليل آهي، سالن کان آباد ڳوٺن جا رڪارڊ جعلسازي ڪري روينيو وارا اهي ڳوٺ پرڏيهي قبضاگيرن جي حوالي ڪري رهيا آهن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ت سنڌ حڪومت ڪارونجهر، ڪيرٿر ۽ گنجي ٽڪر سميت سمورا ثقافتي ۽ سياحتي ماڳ وڪڻي سنڌي قوم کي ميسارڻ چاهي ٿي. سنڌ جي سونهن ڪارونجهر، ڪيرٿر نيشنل پارڪ کي قومي ورثو قرار ڏنو وڃي ڪاري جبل جي ڪٽائي روڪي وڃي ۽ ساحلي پٽي جي واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي ن ت بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 29 سنڌيار

اڳواڻن جو تعزيتي ريفرنس کي خطاب. خبر موجب جيڪب آباد شهري اتحاد پاران جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري جي ميزباني هيٺ مقامي شادي هال ۾ شهري اتحاد جي اڳوڻي صدر شهيد محمد اڪرم ابڙو کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تعزيتي ريفرنس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي سياسي، سماجي، مذهبي، اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ اڳواڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي جميعت علماء اسلام جو ضلعي امير شهري اتحاد جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري، پيپلز پارٽي جي محمد عمران ابڙو، ايم سي جو وائيس چيئرمين محمد آصف ابڙو، ياسر علي ابڙو، پ ٽ الف جي اڳواڻ انتظار حسين چلگري، ب ب شهيد پٽو جي نور محمد منجهو بي اين پي جي غلام جان مينگل، جي يو پي جي مولانا محمد رفيق فخري، ڪپڙا مارڪيٽ جي گل حسن ٿالاڻي، سٽي فورم جي حماد انصاري، مزدور شهري اتحاد جي حاجي غلام نبي رند، ڊسٽرڪٽ بار جو صدر ايڊووڪيٽ مظفر علي رند، پ پ جي بهادر علي مغيري، سماجي اڳواڻ عبدالحئي سومرو، شيعا اڳواڻ علام مقصود علي ڊومڪي، واپاري اڳواڻ احمد علي بروهي، سنڌ ترقي پسند پارٽي جي عبدالستار جاگيراڻي، صراف يونين جي سميع الله سرهيو نوجوان اڳواڻ انتظار حسين ابڙو، پوج هندو جنرل پنچائت جو لعل چند سيتلاڻي، بابو مهيش لاڪاڻي، سماجي عورت اڳواڻ آپا قمر بانو شهري اتحاد جي حاجي لکمير چاچڙ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي فدا حسين لڪڻ، آل پارٽيز ڪاميٽي جي محمد شعبان ابڙو، عبد محمد ڊومڪي سميت ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي مٿين اڳواڻن چيوت شهيد محمد اڪرم ابڙو هڪ جدوجهد جونالو آهي جنهن هميش شهر جي مفاد جي خاطر پنهنجي مفادن کي قربان ڪندي هميش شهرين جي ڏکي وقت ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي شهرين سان گڏجي جدوجهد ڪندو هوچاهي اهو شهر جي تعليم جو مسئلو هجي، صحت جو اشو هجي، پاڻي فرهمي بابت ڪو اشو هجي شهيد محمد اڪرم ابڙو هميش جدوجهد جي ذريعي پاڻ ملهايو هنن وڌيڪ چيوت شهيد محمد اڪرم ابڙو هميش جيڪب آباد واسين جي دلين ۾ زند رهندو ڪيس ڪيل جدوجهد تي نمي سلام پيش ڪيون ٿا.

